THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سال (95) اربع 16 سيپٽمبر 2026ع 03 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 · ملهه 30 ويهه شمارو (32)

وزيراعظم جي حڪر تي پمز نرسري ۾ باهه لڳڻ جي واقعي جي جاچ لاءِ جوڙيل ڪميٽي جي مڪمل رپورٽ جاري

پمز سانحو: موثر حفاظتي انتظام تبديل نہ ڪرڻ تي اعلىٰ انتظاميا بنيادي اداراجاتي نمبيوار قرار

رپورٽ ۾ پيشيواراڻي ۾ ميٽ تي رٽل لميٽل لنتظاميا، مضبوط ريگوليٽري نگراڻي ۽ موثر ڪمپلائنس جي نظر، جي ڪمي بڌائي. فائر سيفٽي لنساني جانين جي تحفظ ۽ برقي حفاظت آڏ ڪاڻ جي سفارش

معمير خطرن ۾ آڻڻ جي ڪري موثر حفاظتي انتظامن تبديل نہ ڪرڻ تي پمز ۽ اعلىٰ انتظاميا تي بنيادي اداراجاتي نمبيواري. لاڳو ٿيل ٽيڪ. مقامي برقي خرابي سان باهه لڳڻ جو امڪان قوي آهي. انڪوائري ڪميٽي

باهه لڳڻ باري مواد ۽ لڪيسجن باهه جي شدت ۽ انڌائور ڪيب نرسري ۾ گنجائش کان وڌيڪ بار. محدود لنخلا جي صلاحيت لنتظامي ڪارووين کي متاثر ڪيو. قومي وزارت صحت پاران انڪوائري رپورٽ جاري ڪئي رائي

باهه جي نتيجي ۾ 15 نئين جانين پاران 14 فرٽ ٽپا ڇڪجن نہ ڪڻ محفوظ رهيو. جاچ ڪميٽي باهه لڳڻ جي سببن ٻي نہ ٻرائن جي سنگين نتيجن ۽ تباهي لنديندڙ صورت اختيار ڪندڙ عمل جو پڻ نڪصيلي جائزو. رپورٽ

فرٽ لائين عملي باهه لڳڻ جي ڪجهه سيڪنڊز ۾ ڪارووائي ڪئي. سي اي ايس رڪارڊ موجب ايڪسٽرنل نوٽيڪيشن (باهوٽين امداد) 6 لڳي 54 منٽ جڏهن تہ ٻجهائڻ 6 لڳي 55 منٽ ۽ آپريشنل آمد 7 لڳي 10 منٽن ٻڌ ٿيل ٻڌ ٿي

نيمبيو. ۽ گنجائش کان وڌيڪ بار. محدود لنخلا جي صلاحيت لنتظامي ڪارووين کي متاثر. نئين جاڙيل پاور جي لاءِ بلقاعده مشق شده هنگامي نظام جي عدم موجودگي ريمڪير کي محدود ڪيو

راولپنڈي: جاڙي شهر ۾ برسات بعد ڪهيئن ۽ رستن تي پاڻي سان ماڻهو ڪاري رهيا آهن

"وفاقي حڪومت هوش سان ڪر وڃي ۽ پيٽروليم ليوي ختم ڪري" سنڌ حڪومت جو مطالبو

پيٽروليم شين جي وڌندڙ آڇون سبب عوام پريشان آهي. حڪومت پيٽرول تي في ليٽر 100 روپين کان وڌيڪ ليوي اڌڪاڙي رهي آهي، اها ليوي ختم ڪئي وڃي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ

سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس دوران پيٽروليم، شين جا آڇ ڪهڪشائي بلبت پي ٽي آ جي ميمبر محمد اويس لهراڻ پيش ڪيو. جنهن جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پرپور حمايت ڪئي

متحده 2008 ۾ ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ رڳو هڪ روپيو وڌائي تي حڪومت کان ڏاڙ ٿي وئي هئي، جيڪي ماڻهو هن وقت وفاقي کابينا ۾ ويٺل آهن. انهن کي ان معاملي تي گالهائڻ گهرجي

اسان قرارداد جي پرپور حمايت ڪريون ٿا ۽ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا تہ پيٽروليم ليوي ختم ڪئي وڃي، عوام کي پيٽروليم، آڇون سڌو وڌندڙ بار مان چوٽڪارو ڏياري: وزير اطلاعات

شين جي وڌندڙ آڇون سبب عوام پريشان
آهي حڪومت پيٽرول تي في ليٽر 100

پيٽروليم ليوي بابت پي پي آ واري نمائندي جي حمايت

پيٽروليم

راولپنڈي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ سمماڻ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ

پاڪستان ۾ گذريل چار ڏينهن ۾ ٻوڏ دوران انڪل 7 هزار ماڻهو فوت ٿيا: وفاقي حڪومت

17 هزار زخمي يا مستقل معذور، 4 ڪروڙ ماڻهو هن گهر ٽي چڪا آهن: موسمياتي تبديليءَ واري وفاقي وزير مصدق ملڪ

اهو رڳو 100 ڪ هزار يا 10 لک ماڻهن جي ٻوڏ آهي جو 4 ڪروڙ ماڻهن جي ٻي گهر ٽيڪ جو معاملو آهي. جيڪو ٻڏيل مڪان ڪال وڏيڪ آهي

لوڻي ويل اسڪول، مسجد، ڪچا گهر ۽ هزارين سالن جي تهذيب جي ٻڏ ٽيل ماڻهن کي ڏس وڃي تہ موسمياتي تبديلين جو انڊاڙين جو انڊاڙو ٿي ٿو

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

اجلاس دوران پيٽروليم شين جا آڇو ڪهڪشائي ڪئي وڃي سنڌ اسيمبليءَ جي

اسلام آباد (اڻي پي پي) ساحليائي هر آهڪي واري وفاقي وزير

ء ساحوليائي هر آهڪي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ چيو آهي: سينيٽ چيئرمين

پرڏيهه مان مرڪليل ٽائو ڪوپي معيشت لاءِ انتهائي اهر آهي: سينيٽ چيئرمين

ٻاهرين مالڪن ۽ رهنڌڙ پاڪستانين جي حق ۽ ملڪي ۽ ملڪيت جي تحفظ رياست جي ذميواري آهي

اسلام آباد (اڻي پي پي) سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد (اڻي پي پي) سوسياليٽ تبديليءَ

پاڪستان ۽ لبنان وچ ۾ هاڪسگرڊي جي خاتمي سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

ڪهڙ معاملن باري وفاقي وزير محسن نقوي سان لبنان جي ڪهڙ وزير احمد الحجار ملاقات ڪئي. وڌڻ جي مطابق ٻي پڻ ڪڍائي

شيخ قاسم اسپيڪريشن. مني لانڊرنگ ۽ سائبر ڪرائمز جي موثر حل لاءِ ڪليل حصيداري کي سکڻ ڏيڻ تي ٻر اتفاق

ٻنهي ماڻهن ڏهشتگردن ۽ ٻرڪ ماڻهڙا جي خاتمي لاءِ انٽيليجنس شيئرنگ کي مضبوط بڌائڻ جي عزم جو ورڇاڻ ڪيو

پاڪستان ۽ لبنان وچ ۾ سفارتي ۽ سرڪاري پاسپورٽس تي ويزا ڇوٽي جي سهولت فراهم ڪرڻ جي تجويز تي ٻر غور ڪيو ويو

اسلام آباد (اڻي پي پي) ڪهڙ معاملن باري وفاقي وزير سائل لبنان جي ڪهڙ وزير احمد الحجار ملاقات ڪئي. جنهن ۾ ٻر طرفي

الحجار ملاقات ڪئي. جنهن ۾ ٻر طرفي

حڪومت وڪيل برادري جي جائز مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻي پئي: وزير قانون

قانون واري وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان مختلف وڪيل اڇوائن ملاقات ڪئي

ملاقات دوران قانون ۽ انصاف جي شعبي بابت مختلف معاملا ٻر بحث ڪيا ويا

اسلام آباد (اڻي پي پي) قانون ۽ انصاف

بڌائيو نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڻمرادي ڏاڙن ۾ ڪمي

پاڻمرادي ڏاڙن ۾ ڪمي

بڌائيو نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پختون ڏاڻني ڏاڙاڙو پائيچاري ۽ ڏاڻاڻني هر آهڪي جو خوبصورت اڌربو آهي: شباز شريف

پختون برادري جي معزز جي ڪهڙ وڏو سان ملاقات. ڏاڻاڻني ڏاڙاڙي ڏهڙيب ۽ شرڪت جي دعوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت رليف جو

بڌائيو نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ڪهڙ ۽

بڌائيو نمبر 13 ڏسو صفحو 2

جمهوريءَ آدارن جي مضبوطيءَ ئي پاڪستان جي استحڪار ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت آهي: مراد علي شاهه

جمهوريت رڳو چونڊن جو نالو ناهي، عوامي شموليت، جوابدهي ۽ آئين جي بالادستي ضروري آهي: وڏو وزير

جمهوريت عوامي مسئلن جي حل ۽ چڪاڻيندي کي ممڪن ڏيڻ لاءِ اهم آهي. آئين ۽ پارليامانري اداڻن جو احترام ڪڻڻ ڏهڙيواري آهي: اپوزيشن قائد شام

پارليامنٽ هي بالادستي ۽ آئين جي حڪمراني سان جمهوريت مضبوط ٿيندي. جمهوريت جو تسلسل ترقي ۽ خوشحالي جي ضمانت آهي: وقار مهدي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي يوم

جمهوريت ڏي سنڌ جي وڏي وزير ۽ سين

بڌائيو نمبر 9 ڏسو صفحو 2

استحڪام ۽ ترقي لاءِ ضروري قرار سنڌ

بڌائيو نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان خيبرپختونخواهه جو گورنر فيصل ڪريم ڪنڈي ملاقات ڪري رهيو آهي

ٻ اربع مسلمان پنهنجي مقدس هڌڻن جي دفاع لاءِ سعودي حڪومت ۽ قيادت سان ڪڌ ٻيهل آهي: حافظ طاهر اشرفي

اسلام آباد (اڻي پي پي) پاڪستان علماء بڌائيو نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ۾ 1421.65 پوائنٽس جو اضافو

اسلام آباد (اڻي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ بڌائيو نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سڌ جي امڪاني وهڪاڻي خلاف پ پ ميرپورخاص ويزين پاران "سڌ ڏڻي ماڻ" جي مري هيٺ سيمينار

سنڌ صوبو نہ ٻر هڪ ٿهذيب آهي ۽ هي ۽ ڏڻي هواڙين سالن کان قائم ۽ دائمر آهي: ڪميبر گهمرو

سڌ جي برهاست سان وفاق ڪمزور لينڊر هن وقت هڪ پاسي هنڌستاني جارحيت آهي ٿهه ٻئي پاسي ان جي پراکسي آهي. مهيش ملاڻي

بدنسيبي سان هن ملڪ ٿهڙي سان ٿي اتي جمهوريت کي خطر ڪڻي مارشلائن لاڳو ڪيون ويون. اسان کي تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي. ميبر منور ڪاپر

انتظامي پوسٽن واري ڳالهه سڌي سنڌين سڌ جي رهاڻي جي ڳالهه آهي ۽ اها ڳالهه سڌ جي وحدت ٿي هڻ وار آهي: هوپار ڪشوري لال

انڊين آرمي ڪالڀاڻندڙ اهوان سڌي ۽ اوپر ڪالڀاڻندڙ ها وهنجي سان رهڻا ڇڪي چڪا آهن هي اي ات ڪريڊ ماڻهو سڌ روانگي ٿه ڏيندا. ڀيڊ بلند ۽ پين هر ڪتاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) "سنڌ ڏڻي ماڻ" جي سري هيٺ پ پ پاران سيمينار

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) "سنڌ ڏڻي ماڻ" جي سري هيٺ پ پ پاران سيمينار

بڌائيو نمبر 2 ڏسو صفحو 2

بڌائيو نمبر 5 ڏسو صفحو 2

بڌائيو نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بڌائيو نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بڌائيو نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪ چين اسٽريٽجڪ ڪوآپريشن برقرار رکڻ لاءِ تعاون جي روايت وسيع ڪرڻ ضروري آهي: صدر آصف زرداري

چين لاءِ پاڪستان جي نامزد سفير ڊاڪٽر سيد علي اسد گيلاني صدر ممڪت آصف علي زرداري سان ملاقات ڪئي

صدر سي پيڪ 2.0 جهڙن ڪاروبار ڪاروبار تعاون تي ڌيان ڏيڻ اهياڙا ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ٽئين ٽيڪنالاجيز ۾ تعاون تي زور ڏيو

چائنا جي قيادت لڪ ٽيڪنس، تعليمي اداڻن ۽ ميڊيا سان فعال رابطا برقرار رکڻ ۽ عوامي سطح تي لاڳاپان کي هلي ڏيڻ جي هدايت

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان چين لاءِ پاڪستان جو نامزد سفير ڊاڪٽر سيد علي اسد گيلاني ملاقات ڪري رهيو آهي

مشرق وسطیٰ میں جنگ کے باعث پٹرول کی قیمتوں میں ہوشربا اضافے
کا بوجھ کم کرنے کے لئے
مہنگے پٹرول سے نجات کا تاریخی اقدام
وزیر اعظم کی خصوصی ریلیف اسکیم



URAAN PAKISTAN
آسمانوں پہ ہے پرواز ہے کام تیرا

پٹرول 100 روپے فی لیٹر سستا

موٹر سائیکل ، چنگچی، رکشہ اور تین پہیوں والی سواریاں چلانے والے اور 800 سی سی تک گاڑیوں کے مالکان
ون ٹائم رجسٹریشن کے لئے اپنے شناختی کارڈ پر رجسٹرڈ موبائل نمبر سے

REG لکھ کر space دیں

STEP-1 اپنا قومی شناختی کارڈ نمبر
3740515196983 لکھنے کے بعد space دیں

STEP-2 بغیر space کے نمبر پلیٹ
LHR123 ایسے لکھنے کے بعد space دیں

STEP-3 صوبے کے نام کا پہلا حرف جہاں آپ کی گاڑی رجسٹرڈ ہے
صوبہ کا نام پنجاب P کے بعد space دیں

STEP-4 وہیکل رجسٹریشن کی تاریخ بمعہ مہینہ اور سال DD/MM/YYYY
دن، مہینہ اور سال ایسے لکھیں 08102010



چاروں تفصیلات اسپیسز کے ساتھ ایک ہی میسج میں لکھ
کر 9771 پر ایس ایم ایس کریں

رعایتی پٹرول کے حصول کا طریقہ کار :

STEP-1 رجسٹریشن کے بعد پٹرول ریلیف حاصل کرنے کے لیے پٹرول پمپ جانے سے پہلے TOK لکھ کر 9771 پر بھیج دیں

STEP-2 موصول ہونے والے میسج میں ٹوکن نمبر، گاڑی کا رجسٹریشن نمبر پٹرول کی مقدار اور ٹوکن استعمال کرنے کی مدت درج ہو گی

STEP-3 ٹوکن پٹرول پمپ پر دکھا کر آپ رعایتی قیمت پر پٹرول حاصل کر سکتے ہیں۔

اسلام آباد میں پٹرول پر ریلیف کا آغاز ہو چکا ہے
ملک بھر بشمول آزاد کشمیر اور گلگت بلتستان میں آج شب 12 بجے سے پٹرول پر ریلیف حاصل کیا جا سکے گا۔

صوبے کے نام کا پہلا حرف
اسلام آباد I | آزاد جموں و کشمیر A | گلگت بلتستان G
سندھ S | پنجاب P | خیبر پختونخوا K | بلوچستان B

مزید معلومات کے لیے www.pmfuelrelief.pk وزٹ کریں
یا QR اسکین کریں

وزارت اطلاعات ونشریات
حکومتِ پاکستان
/GovtofPakistan www.moib.gov.pk

PID(I)2535-D/26

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات جي اڳڪٿي سبب امڪاني ٻوڏ جو الرٽ

این ڊي ايم اي 17 سيپٽمبر تائين برساتن جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي، درياهن ۽ ندي نالن ۾ پاڻي جي رهڪري ۾ واڌ جو امڪان

خيبرپختونخوا جي اپر ديرن سوات، باجوڙ ملاڪنڊ، ڪرم، ڪوهستان، مهمند ۽ اورڪزئي وارن علائقن ۾ پڻ ٻوڏ جو خطرو

اين ڊي ايم اي پاران سمورن لاڳاپيل ادارن کي اڳواٽ الرٽ جاري ڪندي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري انتظام مڪمل رکڻ جي هدايت

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) جي نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر (اين اي او سي) ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برساتن جي اڳڪٿي سبب امڪاني ٻوڏ جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. اين ڊي ايم اي موجب، 17 سيپٽمبر تائين گلگت بلتستان، خيبرپختونخوا پنجاب ۽ بلوچستان جي ڪجهه علائقن ۾ برساتن سبب درياهن ۽ ندي نالن ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي، جنهن سان ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي. اداري موجب، گلگت بلتستان جي ضلعن گلگت، دياس غذر اشڪومن گيس ياسين نگر هنزه، شمشال اسڪردو ۽ شگر ۾ ٻوڏ اچڻ جو امڪان آهي خيبرپختونخوا جي اپر ديرن سوات، باجوڙ ملاڪنڊ، ڪرم، ڪوهستان مهمند ۽ اورڪزئي وارن علائقن ۾ پڻ ٻوڏ جو خطرو ظاهر ڪيو ويو آهي اين ڊي ايم اي موجب، بلوچستان جي ضلعن ژوب، شيراني ۽ موسيٰ خيل جڏهن ته اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف علائقن جن ۾ راولپنڊي، گوجرانوالا، سرگوڌا، جهنگ، ٽوبا ٽيڪ سنگهه ۽ شيخوپورا شامل آهن ۾ به ٻوڏ جو خدشو آهي امڪاني خطرن کي نظر ۾ رکندي اين ڊي ايم اي سمورن لاڳاپيل ادارن کي اڳواٽ الرٽ جاري ڪندي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري انتظام مڪمل رکڻ جي هدايت ڪئي آهي اداري شهرين کي صلاح ڏني آهي ته تيز برسات دوران برساتي نالن پاڻي هيٺ آيل روڊن پلن ۽ هيٺاهين رستن تي سفر کان پاسو ڪن

سنڌ جا سمورا کاتا هڪ مهيني اندر آڊٽ اعتراض ڪلاٽن مالي شفافيت يقيني بڻائي وڃي: چيف سيڪريٽري

سيڪريٽرين ڪميٽي جو اجلاس، ترقياتي منصوبن، فائر سيفٽي، پينشن ۽ آفيسرن توڙي ملازمن جي ترقي بابت جو جائزو

3 هزار 427 عمارتن جي فائر سيفٽي آڊٽ لاءِ نشاندهي، 947 عمارتن جو ڀيهر معائنو، 633 عمارتون گهرجن تي پوريون لٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ سيڪريٽرين ڪميٽي جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سمورن کاتن جي سيڪريٽرين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ترقياتي منصوبن، فائر سيفٽي آڊٽ، پينشن ڪيسن آفيسرن ۽ ملازمن جي ترقي، تاديبي ڪيسن آڊٽ اعتراضن ۽ ڊجيٽل حڪمراني جي سڌارن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه هدايت ڪئي ته سمورا کاتا هڪ مهيني اندر کاتيوار اڪائونٽس ڪميٽي جا اجلاس منعقد ڪن ۽ آڊٽ اعتراضن کي ترجيحي بنيادن تي اڪلائي مالي نظم ۽ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي ۽ کاتيوار اڪائونٽس ڪميٽي جي معاملن کي بروقت مڪمل ڪيو وڃي اجلاس کي بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته گهرو کاتي ۾ ترقيءَ لاءِ 58 ڪميٽي جا اجلاس منعقد ڪيا ويا، جن ذريعي 3 هزار 306 آفيسرن ۽ 4 هزار 558 ملازمن کي ترقي ڏني وئي، جڏهن ته سروسز کاتي ۾ 51 اجلاس ذريعي هڪ هزار 987 آفيسرن ۽ 139 ملازمن کي ترقي ڏني وئي اجلاس ۾ سڄي صوبي ۾ فائر سيفٽي آڊٽ جي اڳڀرائي جو پڻ جائزو ورتو ويو ٻڌايو ويو ته فائر سيفٽي آڊٽ لاءِ 3 هزار 427 عمارتن جي نشاندهي ڪئي وئي، جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ 947 عمارتن جو ٻيهر معائنو مڪمل ڪيو ويو ٻيهر معائنو ڪيل عمارتن مان 633 عمارتون وڏي حد تائين فائر سيفٽي جي گهرجن تي پوريون لهندي مليون. چيف سيڪريٽري هدايت ڪئي ته فائر سيفٽي جي قدمن ۽ لاڳاپيل کاتن وچ ۾ انرائتو رابطو وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي اجلاس ۾ پينشن ڪيسن جي اڳڀرائي جو به جائزو ورتو ويو چيف سيڪريٽري سنڌ هدايت ڪئي ته پينشن ڪيسن کي بروقت مڪمل ڪري رٽائرڊ ملازمن کي سهولت فراهم ڪئي وڃي هن چيو ته پينشن ڪيسن لاءِ سمورن کاتن اي جي سنڌ ۽ ضلعي خزاني جي آفيسن ۾ سهولت مرڪز قائم ڪيا وڃن چيف سيڪريٽري سنڌ چيو ته سمورا التوا هيٺ ترقيءَ جا ڪيس قاعدن موجب جلد مڪمل ڪيا وڃن اجلاس ۾ کاتيوار ترقياتي ڪميٽين ۽ آفيسرن توڙي ملازمن جي ترقيءَ جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ ماتحت عدالتن جي حڪمن تي عملدرآمد جي اڳڀرائي پڻ ڏني وئي آصف حيدر شاهه هدايت ڪئي ته سمورا کاتا عدالتي ڪيسن ۾ بروقت جواب ۽ راءِ جمع ڪرائين ۽ عدالتي حڪمن تي عملدرآمد سان گڏ ڪيسن جي اثرائتي قانوني پيروي يقيني بڻائي وڃي اجلاس ۾ گريڊ 5 کان 15 تائين سنڌ جاب پورٽل ذريعي ڀرتين جي اڳڀرائي جو به جائزو ورتو ويو چيف سيڪريٽري چيو ته سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل ذريعي ڀرتين واري عمل کي وڌيڪ تيز ۽ شفاف بڻايو ويو آهي. آصف حيدر شاهه چيو ته ڊجيٽل حڪمراني ذريعي سرڪاري نظام کي وڌيڪ شفاف، تيز ۽ عوام دوست بڻايو وڃي. هن انتظامي معاملن آڊٽ، پينشن ترقيءَ ۽ ڊجيٽل حڪمراني جي معاملن ۾ اڳڀرائي تيز ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي

جماعت اسلامي پيٽرول تي 100 رپيا رليف پيڪيج رد ڪري ڇڏيو

اهو عمل پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو متبادل نٿو ٿي سگهي: لياقت بلوچ

ليوي ختم ٿيڻ سان پيٽرول تي 103 رپيا في ليٽر تائين رليف ملي سگهي ٿو

مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف ملڪ جي مختلف شهرن ۾ جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ پيٽرول تي 100 رپيا في ليٽر رليف پيڪيج رد ڪندي چيو آهي ته اهو پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو متبادل نٿو ٿي سگهي. اسلام آباد ۾ حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ ڳالهين جي ٽئين دور کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي لياقت بلوچ چيو ته جماعت اسلامي حڪومت سان آزاد بجلي پيدا ڪندڙ منصوبن ۽ پيٽروليم ليوي بابت فني ڳالهين ۾ حصو ورتو جڏهن ته پيٽروليم واري وزير علي پرويز ملڪ ۽ توانائي واري وزير اويس لغاري آگاهي ڏني هن چيو ته وزيراعظم جو پيٽرول رليف پيڪيج جماعت اسلامي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ حڪومت کي واضح طور چيو ويو آهي ته پيٽروليم ليوي ختم ڪئي وڃي ليوي ختم ٿيڻ سان پيٽرول تي 103 رپيا في ليٽر تائين رليف ملي سگهي ٿو لياقت بلوچ وڌيڪ چيو ته وزيراعظم طرفان ڏنل رليف وارو قدم ڏوڪو آهي. حڪومت کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته وزيراعظم کي ٻڌايو وڃي ته جماعت اسلامي جو مارچ اسلام آباد طرف وڌندو. واضح رهي ته مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف ملڪ جي مختلف شهرن ۾ جماعت اسلامي جا ڌرڻا جاري آهن. جڏهن ته جماعت اسلامي 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد طرف لانگ مارچ جو پڻ اعلان ڪيو آهي

آپڪا سنڌ جي عهديدارن جي اڪائونٽس آفيسر ٽريزري حيدرآباد سان ملاقات

اڪائونٽس آفيسر پاران سينئر ڪمپيوٽر آپريٽرن جو مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري

اميد ته سينئر ڪمپيوٽر آپريٽرن جو جائز مسئلو جلد حل ٿيندو: ميڊيا ڪوآرڊينيٽر عامر قادري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آپڪا سنڌ جي عهديدارن جي ملاقات ۾ اڪائونٽس آفيسر ٽريزري حيدرآباد پاران سينئر ڪمپيوٽر آپريٽرن جو مسئلو حل ڪرڻ جي خاطري ڪئي وئي آهي. جنهن تي سينئر ڪمپيوٽر آپريٽرن عامر علي قادري ۽ ٻين آپڪا سنڌ جي صدر احمد نواز پٺاڻ ۽ جنرل سيڪريٽري پرويز اختر بلوچ جو شڪريو ادا ڪندي چيو آهي ته آپڪا سنڌ اسان جو ساٿ ڏيڻ ۽ مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو آهي ۽ اسان کي اميد آهي ته آپڪا سنڌ جي قيادت جي سنجيده ڪوشش سان سينئر ڪمپيوٽر آپريٽرن جو جائز مسئلو جلد حل ٿيندو

آمريڪا جديد هٿيارن جي پيداوار ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي: صدر ٽرمپ

تاريخ جي ڪنهن به وقت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اعليٰ ۽ بهترين هٿيار تيار ڪري رهيا

اهي هٿيار روزانو جي بنياد تي وچ اوڀر ۽ ٻين علائقن ۾ آمريڪي فوج کي فراهم ڪيا پيا وڃن

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا ٽوما هاڪ ڪروز ميزائيلن ٿاڊ ميزائيل ڊفينس سسٽمز ۽ پيٽريات فضائي دفاعي نظام جي پيداوار ۾ اضافو ڪيو آهي گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته مون کي هڪ رپورٽ ملي آهي ته آمريڪا پنهنجي تاريخ جي ڪنهن به وقت جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اعليٰ ۽ بهترين هٿيار تيار ڪري رهيو آهي اهي هٿيار روزانو جي بنياد تي وچ اوڀر ۽ ٻين علائقن ۾ اسان جي فوج کي فراهم ڪيا پيا وڃن هن چيو ته اُن پيداوار ۾ بنيادي ڌيان پيٽريات، ٿاڊ سسٽمز، ٽوماهاڪس ۽ ٻين اسٽينڊرڊ ميزائل سسٽمز تي آهي جن جو اسان وٽ اڳ ئي وڏو ذخيرو موجود آهي

... آهي ته سڄي دنيا جا 2 ارب مسلمان پنهنجي مقدس هنڌن جي دفاع لاءِ هر وقت سعودي حڪومت ۽ قيادت سان گڏ بيٺل آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن اڳاري ڏينهن مڪو شريف تي حوثي باغين جي امڪاني حملن جي باري ۾ ڪجهه ميڊيا رپورٽن جي جواب ۾ ڪيو هن موجوده سلامتي جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ حرمين شريفين جي تحفظ لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ اسلامي تعاون تنظيم ۽ عرب ليگ جو فوري هنگامي اجلاس گهرائڻ جي تجويز به پيش ڪئي هن چيو ته حرمين شريفين جي حرمت ۽ سلامتي پوري مسلمان امت جي مقدس ذميواري آهي ۽ انهن مقدس هنڌن کي ڪنهن به قسم جو خطرو هر حال ۾ مسلم دنيا لاءِ قبولڻ جوڳو ناهي

بقايا	16	روزاني عبرت

ايڪسچينج ۾ اڳاري ڏينهن تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1421.67 پوائنٽس جي اضافي کانپوءِ 169392.32 پوائنٽس جي سطح تي بند ٿيو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 570 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن مان 280 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 166 جي قيمتن ۾ گهٽتائي جڏهن ته 124 ڪمپنين جي شيئرز جون قيمتون استحڪام رهيون ڪاروباري سرگرمين دوران 372.016 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي مجموعي ماليت 17.21 ارب رپيا رهي. نمايان ڪاروباري سرگرمين ۾ سينير جيڪو پاڪستان جي 56.22 ملين شيئرز ميڊيا ٽائمز لميٽيڊ جي 39.8 ملين شيئرز ۽ پاڪستان ريفائنري لميٽيڊ جي 22.5 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي شامل رهي ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 379.71 پوائنٽس جي اضافي کانپوءِ 50468.09 پوائنٽس جي سطح تي بند ٿيو جڏهن ته اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 1511 پوائنٽس جي اضافي سان 241108 پوائنٽس تي بند ٿيو فيوچر ٽريڊنگ تحت مجموعي طور تي 6.33 ارب رپين جي ڏيتي ليتي ٿي فرسٽ پنجاب مضاربہ پاپولر اسلامڪ مضاربہ ۽ آرٽسٽڪ ڊينم ملز لميٽيڊ سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون مارڪيٽ ڪيپيٽلائزيشن وڌي 68 ارب ڊالر ٿي وئي.

Oil & Gas Development Company Limited

OGDCL the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-CMT-333806237-2026	SUPPLY OF SLINGS AND SHACKLES	02.10.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-LD-PT-PE N FD-BETTANI-331270880-2026	SUPPLY OF METERING SKID	02.10.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-LH-PT-SYSTEM-333804598-2026	SUPPLY OF CLAUDE ENTERPRISE LICENSES	05.10.2026 AT 1430 Hrs
4.	OGDC-SCM-LD-PT-PNP-Chanda- 334460579-2026	SUPPLY OF TEG CIRCULATION PUMP	05.10.2026 AT 1430 Hrs
5.	OGDC-SCM-LD-PT-PNP-DKN-333886505-2026	SUPPLY OF PORTABLE COMPRESSOR	06.10.2026 AT 1430 Hrs
6.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4481-334787020-2026	HIRING OF ENGINEERING CONSULTANT FOR THE REVAMPING OF MELA PLANT FOR BARAGZAI FLUID	06.10.2026 AT 1430 Hrs
7.	OGDC-SCM-LD-PT-PNP-JHAL MAGSI- 332151470-2026	SUPPLY OF FLAME SCANNER	08.10.2026 AT 1430 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **24.08.2026** and **28.08.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LD-PT-TDL-331705571-2026	FIRE SUPPRESSION DETECTION AND ALARM SYSTEM	18.09.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-LD-PT-RIGMAINT-332231572-2026	FIRE FIGHTING PUMPS	23.09.2026 AT 1430 Hrs

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 154/12

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

مضبوط مڪاني حڪومت ئي بهتر عوامي خدمت جي ضمانت بڻجي سگهي ٿي
صفحو 4

محمد خان ابڙو
نوان منصوبا ۽ وفاقي توازن
صفحو 4

قاسم خاصخيلي
مجبور عوام لاءِ مذاق بڻجي ويل رليف!
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن .... 16 سيپٽمبر
صفحو 4

سيري واسي نوجوان کي ڪراچي جي ڪارخاني مان گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد جي علائقي سيري جي رهواسين پوليس پاران پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سيري ٿاڻي جي ايس ايڇ او شوڪت درس اسان جي پٽ عديل خاصخيلي کي ڪراچي مان کڻي گم ڪيو آهي: وارث

خدشو آهي ته ايس ايڇ او سيري شوڪت درس ڪيس ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ فل فرائي يا هاف فرائي نه ڪري ڇڏي، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي سيري جي رهواسين پوليس پاران نوجوان کي ڪراچي جي ڪارخاني مان گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پوليس پاران مبينا طور گرفتار ڪري گم ڪيل نوجوان جي پيءُ عرس خاصخيلي ۽ امڙ رحمت خاصخيلي ڏانهيندي چيو ته سيري ٿاڻي جي ايس ايڇ او شوڪت درس اسان جي پٽ عديل خاصخيلي کي ڪراچي جي ٿاڻي بنارس جي حد ۾ واقع پاپڙ ناهڻ واري ڪارخاني مان 11سيپٽمبر 2026تي گرفتار ڪري کڻي آيو پر 5ڏينهن گذرڻ باوجود ايس ايڇ او اسان جي پٽ کي ظاهر نه ڪيو آهي نه ئي عدالت ۾ پيش ڪري ٿو هنن چيو ته اسان پٽ کي پوليس چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪري گم ڪيو آهي هنن چيو ته اسان جي پٽ عديل جي حياتي کي خطرو آهي خدشو آهي ته ايس ايڇ او سيري شوڪت درس ڪيس ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ فل فرائي يا هاف فرائي نه ڪري ڇڏي هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ،آئي جي سنڌ پوليس ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماجرا جو نوٽيس وٺي اسان جي پٽ کي آزاد ڪيو وڃي ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائيندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

مقصودو رند ويجهو لنڊو ۾ هاءِ اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا، شاگردن ۾ پاڇ

هاءِ اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪرڻ سبب شاگردن ۾ پاڇ پئجي وئي، معجزاتي طور محفوظ

اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار ٿي وئي آهي پر هن وقت تائين مرمت ناهي ڪرائي وئي: استاد

اسان ڪيترائي ڀيرا وس وارن عملدارن کي آگاهه ڪيو آهي پر ڪير به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي، تعليم وارو وزير نوٽيس وٺي

مقصودو رند(نء ع) مقصودو رند ويجهو لنڊو ۾ هاءِ اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا جنهن سبب شاگردن ۾ پاڇ پئجي وئي ان موقعي تي گورنمينٽ بوائز ڪيمپس هاءِ اسڪول لنڊو شريف جي هيڊ ماسٽر اسد الله ڏاهري استاد لکميرجمالي استاد جاويد رند ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار ٿي وئي آهي پر هن وقت تائين مرمت ناهي ڪرائي وئي جنهن سبب ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويا آهن . هنن چيو اسان ڪيترائي ڀيرا وس وارن عملدارن کي آگاهه ڪيو آهي پر ڪير به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن وڌيڪ چيو ته اوچتو ڇاپڙ ڪري پيا جنهن سبب شاگردن ۾ هراس ڇانئجي ويو آهي ، جڏهن ته ڪيترن ئي شاگردن خوف وچان اسڪول اچڻ ڇڏي ڏنو آهي . استادن ۽ علائقي واسين تعليم واري صوبائي وزير سردار شاه ڊي اي او سانگهڙ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي اسڪول جي عمارت جي مرمت ڪرائي سوين شاگردن جون ڏاءِ ئي لڳل زندگيون بچايون وڃن

هوسڙي پوليس 12 ڏينهن اڳ ماءُ کان کسيل معصوم ٻارڙي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي

اڻڄاتل عورتن پاران ماءُ کان کسيل هڪ ورهيه جي معصوم ٻارڙي کي پوليس بازياب نه ڪرايو ابي ۽ امڙ کي دورا

هوسڙي جي مسافر خاني تان 2 اڻڄاتل عورتون مون کان منهنجي هڪ سال جي ڌي حبيبه کي مون کان کسي فرار ٿي ويون: حاجرا

واقعي ڪاڻهوءِ حد جي پوليس کي اطلاع ڪيو پر 12 ڏينهن گذرڻ باوجود منهنجي معصوم ڌي کي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي هوسڙي مان 12ڏينهن اڳ اڻڄاتل عورتن پاران ماءُ کان کسيل هڪ ورهيه جي معصوم ٻارڙي کي پوليس بازياب نه ڪرايو ابي ۽ امڙ کي دورا نيم بيهوشي واري حالت ۾ ماءُ جو وارثن سان گڏ ڌي جي بازيابي لاءِ احتجاج حيدرآباد جي علائقي هوسڙي جي مسافر خاني تان اڻڄاتل عورتن پاران 12ڏينهن اڳ ماءُ کسيل هڪ سال جي ٻارڙي کي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي ان سلسلي ۾ معصوم ٻارڙي جي امڙ حاجرا زال محمد سليم بليدي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي وارث عورتن سان گڏ نيم بيهوشي واري حالت ۾ ڌي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن ڏانهيندي چيو ته 12ڏينهن اڳ هوسڙي جي مسافر خاني تان 2اڻڄاتل عورتون مون کان منهنجي هڪ سال جي ڌي حبيبه کي مون کان کسي فرار ٿي ويون جنهن سبب مان هوش وحواس ويٺس ۽ ڪجهه به نه ڪري سگهيس هن چيو ته واقعي ڪاڻهوءِ حد جي پوليس کي اطلاع ڪيو پر 12 ڏينهن گذرڻ باوجود منهنجي معصوم ڌي کي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي هن چيو ته واقعي ڪاڻهوءِ منهنجي ۽ منهنجي مڙس جي حالت تمام گهڻي خراب ٿي وئي آهي ۽ اسين پنهنجي ڌي جي صدمي ۾ وڃجي ويا آهيون هن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي انسانيت جي ناتي منهنجي معصوم ڌي سونکي بازياب ڪرائي ڏني وڃي

ميهڙ لڳ تاريخي ڳوٺ گل ڪوسو ڊاهڻ خلاف ڪوسا برادري جا معزز پڇتا

ڳوٺ گل ڪوسو هڪ تاريخي ڳوٺ آهي، جيڪو 1930ع کان آباد آهي: اڳواڻ

قانون ۽ حقيقتن موجب ڳوٺ جي ماپ ڪرائي تاريخي ڳوٺ گل ڪوسو کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ تاريخي ڳوٺ گل ڪوسو ڊاهڻ خلاف ڪوسا برادري جا سوين معزز ڳوٺ پهچي ويا، انتظاميا کي سخت مزاحمت جو اعلان ميهڙ لڳ نئون ڳوٺ ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل ڪوسو جي مسئلي تي ڪوسا قبيلي جي سردارن سردار سخي عبدالرزاق ڪوسو سردارزاده غازي مير امتياز علي ڪوسو نديم خان ڪوسو ۽ ٻين معززين جي هدايتن تي سنڌ جي مختلف شهرن لاڙڪاڻو شهدادڪوٽ دادو جامشورو نصيرآباد ۽ ميهڙ سميت ٻين علائقن مان ڪوسا اتحاد جا ذميوار ۽ سوين معزز ڳوٺ گل ڪوسو پهتا ان موقعي تي ڪامريڊ نياز علي ڪوسو رئيس ذوالفقار ڪوسو اين بي ڪوسو رئيس صاحب خان ڪوسو رئيس مختيار ڪوسو شهاب الدين ڪوسو رئيس محمد موسيٰ ڪوسو عبدالرزاق ڪوسو رئيس نادر ڪوسو مختيار ڪوسو محمد خان ڪوسو سميت ٻين معززين ڳوٺاڻن عاشق ڪوسو علي حسن ڪوسو اصغر ڪوسو ۽ ٻين سان ملاقات ڪري همدردي جو اظهار ڪيو ڪوسا برادري جي معززين چيو ته ڳوٺ گل ڪوسو تاريخي ڳوٺ آهي جيڪو 1930ع کان آباد آهي ڳوٺ روينيو جي چڪ تي پڻ موجود آهي جڏهن ته روڊ رستن ۾ ڳوٺاڻن جا نالا ۽ سنڌن شناختي ڪارڊ به ڳوٺ گل ڪوسو جي نالي سان ٺهيل آهن جڏهن ته هر آدمشماري دوران پڻ ڳوٺ جي آبادي شمار ٿيندي رهي آهي ڪوسا برادري جي اڳواڻن ۽ ڳوٺاڻن ايس ايس پي دادو ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ عدالتن کان انصاف جي اپيل ڪندي چيو ته قانون ۽ حقيقتن موجب ڳوٺ جي ماپ ڪرائي تاريخي ڳوٺ گل ڪوسو کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي هنن پنهنجي برادري جي سردارن معززين ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي پڻ اپيل ڪئي ته تاريخي ڳوٺ گل ڪوسو ۽ ان ۾ رهندڙ سوين خاندانن کي بي گهر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

ميهڙ تاريخي ڳوٺ گل ڪوسو ڊاهڻ خلاف ڪوسا برادري احتجاجي مظاهرو ڪندي

راضيديرو پرسان ريڙي جي ڪچي واري علائقي جو روڊ نه ٺهيو

سرڪار طرفان ڏنل 14 ڪلو ميٽر روڊ 16 سالن کان رولڙي جو شڪار

پل به ٺهل هڻڻ سبب علائقي واسي عذاب ۾ مبتلا، احتجاجي مظاهرو

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان ريڙي جي ڪچي واري علائقي جي رهواسين لاءِ سرڪار طرفان ڏنل روڊ سالن کان ٺهي سگهيو 14 ڪلو ميٽر روڊ 16 سالن کان رولڙي جو شڪار،پل به ٺهل هڻڻ سبب علائقي واسي عذاب ۾ مبتلا احتجاج مظاهرو روڊ ۽ پل جي تعمير جو مطالبو راضيديرو ۽ ريڙي ويجهو ٻهارو شهر کان ڪچي جي ڳوٺ ملان اسماعيل جا پڙ تائين 14 ڪلو ميٽر روڊ 2010 کان تعمير هيٺ هجڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته ٺيڪيدار طرفان روڊ تي پٿر وڇايل آهن ۽ ڦلو پرسان ڏنڊ تي اڏيل پل جو پڻ هڪ پاسو گذريل هڪ سال کان ڪريل آهي پر نه ته روڊ جو ڪم مڪمل ڪيو پيو وڃي ۽ نه ئي پل جي تعمير ڪئي پئي وڃي اهڙي ناجائزي خلاف علائقي واسين لياقت علي کهڙو،ابوبڪر،اصغر علي نادر علي نادر شيخ اشفاق خواجا، حفيظ ملاح گدا حسين،احمد بخش جنجهڻ سميت ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج مظاهرو ڪري ڏانهيو ويو ته ٺيڪيدار اسد شيخ ڪم نٿو ڪرائي ڪنهن به ايمرجنسي ۾ مريض اسپتال نٿا پهچائي سگهون اسڪولي ٻارڙا پڻ وقت سر اسڪول نٿا پهچي سگهن، ڪيترائي حادثا پڻ پيش آيا آهن جاني مالي نقصان معمول بڻيل آهن هنن اعلي اختياري کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي روڊ ۽ پل جو ڪم ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي ۽ ٺيڪيدارا جي اهڙي ٿيل ناجائزي جو نوٽيس وٺي ڪريٽ ٺيڪيدار جي کن مهت ڪئي وڃي

راضيديرو ريڙي جي ڪچي واري علائقي جو روڊ نه ٺهڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

قاسم آباد جي قادر نگر جي رهواسين جو پوليس خلاف مظاهرو

پوليس پاران مبينا طور 3 ڄڻن کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پوليس چڙهائي ڪري حاجي، نادر ۽ مصطفيٰ کي گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد جي قادر نگر جي رهواسين پوليس پاران مبينا طور 3 ڄڻن کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون وارثن احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مڪمل خاتون بيواهه محمد حسن سولنگي ۽ ٻين ڏانهيندي الزام هنيو ته 12سيپٽمبر2026 تي رات ڏاري خانگي ڪپڙ پهريل پوليس اهلڪارن گهر تي چڙهائي ڪري حاجي، نادر ۽ مصطفيٰ کي گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته حيدرآباد جا سمورا ٿاڻا ڇاڻ باوجود اسان جي 3ڄڻن جو پوليس ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهي. هنن چيو ته اسان جي ٽنهي ڄڻن جي حياتين کي خطرو آهي ته ڪٿي پوليس ڪوڙي مقابلي ۾ قتل نه ڪري ڇڏي يا هاف فرائي نه ڪري،هنن چيو ته جيڪڏهن ڄاڻايل ٽنهي ڄڻن تي ڪو الزام آهي ته ان ڪيس ۾ گرفتاري ظاهري عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي

بلوچستان ۾ شهيد ٿيل جوان جو مڙهه ماتلي آندو ويو

حوالدار محبوب علي دستي جي اباڻي ڳوٺ گاهي دستي ۾ فوجي اعزاز سان تدفين

فوجي جوان حوالدار محبوب علي دستي گذريل 23 ورهين کان فوج ۾ پنهنجي ڊيوٽي ڏئي رهيو هو

ماتلي (ن ع) بلوچستان ۾ دهشتگردن سان مقابلي ۾ زخمي ٿيل ماتلي واسي فوجي جوان حوالدار محبوب علي دستي جو مڙهه ماتلي آندو ويو جتي سندس اباڻي ڳوٺ گاهي دستي ۾ فوجي اعزاز سان سپردخاڪ ڪيو ويو ميت سان گڏ آيل چاڪ و چوبند دستي سندس قبر کي سلامي ڏني ۽ قبر تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو شهيد فوجي حوالدار محبوب علي ولد الهبچايو دستي ڊسمبر مهيني ۾ بلوچستان جي جابلو علائقي ۾ دهشتگردن سان مقابلي دوران حملي ۾ زخمي ٿي پيو هو جنهن کي پهرين ڪوئيٽا اسپتال ۽ پوءِ سي ايم ايڇ اسپتال ڪراچي ۾ داخل ڪيو ويو جتي سندس علاج هلندڙ هو پر هو گذريل ڏينهن شهيد ٿي ويو فوجي جوان حوالدار گذريل 23 ورهين کان فوج ۾ پنهنجي ڊيوٽي ڏئي رهيو هو. هو چئن ٻارن جو پيءُ هو.

ميهڙ لڳ درگاه سعدي موسائٽي جي دڪاندارن جو احتجاج

دڪاندارن پاران نارياٿي چونڪ تي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ويو

سماجي برايون بند ڪرائي ايس ايڇ او خلاف انڪوائري ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي: دڪاندار

ميهڙ(ن ع) ميهڙ لڳ نئون ڳوٺ شهر ۾ درگاه سعدي موسائٽي جي دڪاندارن پاران نارياٿي چونڪ تي پوليس جي زيادتين خلاف تنهن اس ۾ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري دڪاندارن خالد حسين پيرزادو ارشاد بروهي گادي نشين گلاب پيرزادو عرض محمد مٺل ڪلهوڙو زاهد پيرزادو عرفان سامتيو شمن ڪلهوڙو،ڊاڪٽر ابراهيم جوڻيجو خالد پيرزادو ڏانهيندي چيو ته ايس ايڇ او نئون ڳوٺ عبيد الله مبيجو 2 ڏينهن اڳ سعدي موسائٽي جي دڪاندار راجا پيرزادو ولد محمد عرس پيرزادو کي ٿاڻي تي گهرائي چيو ته توهان 21 سوپاريون هلايو ۽ مون کي ٻين دڪاندارن وانگر 2 هزار هفتو ڏيو دڪاندار ڪيس ٺپ جواب ڏنو ته مان اڳ به بي گناهه ڪيس ۾ لوڙيا ٿو مان اهو ڪم نه ڪندس جنهن تي ايس ايڇ او نئون ڳوٺ مجرجي پيو ۽ هن کي رات جو درگاهه واري دڪان تي ستل راجا پيرزادو کي ڪٺي گم ڪيو ۽ آزاد ڪرڻ جا 50 هزار رقم جي گهر ڪئي رقم نه ڏيڻ تي هن هڪ پاڪيٽ سوپارين جو لڳائي بيهر بي گناهه ڪيس داخل ڪري ظلم ڪيو آهي جڏهن ته شهر ۾ منشيات وڪر جيان دڪانن تي وڪرو ٿي رهي آهي وچ شهر ۽ درگاهه تان موٽر سائيڪلون ڇاٻي چور ڪاهي وڃن ٿا ۽ پوليس جي نگراني ۾ فحاشي جا اڏا جوا سميت هر سماجي برائيون عروج تي آهن ڪيترائي دفعا انهن کي بند ڪرائڻ لاءِ ڏانهيو ۾ سجال آ جو ايس ايڇ او جي کن تي ڪا جوءِ چري هو صرف سماجي برايون وڌائڻ ٿو چاهي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو کي اپيل ڪئي ته خدارا درگاهه جو تقدس جو خيال رکي سماجي برايون بند ڪرائي ايس ايڇ او خلاف انڪوائري ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو

ميهڙ درگاه سعدي موسائٽي جا دڪاندار احتجاجي مظاهرو ڪندي

مٽياري ضلعي جي حدن ۾ پوليس امن امان قائم نه ڪرائي سگهي

مسويرڳڙي لڳ هڪ ئي رات ۾ 2 ڦرجون الڳ الڳ وارداتون، به ڄڻا زخمي

مٽياري توڙي شاهپور ڊريور پوليس پاران اڄا تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي

مسويرڳڙي(ن ع) مسويرڳڙي لڳ ٿي مٽياري ضلعي جي شاهپورڊريور ٿاڻي ۽ مٽياري ٿاڻي جي حدن ۾ الڳ الڳ ڦرجون ۽ وارداتون پيش آيون آهن رات دير سان شاهپورڊريور ٿاڻي جي حد شاهپور ڊريور تو الهڊنو ساند روڊ تي مسويرڳڙي واسي واپاري محرم مگريو ۽ ڊيالو ڪولهي کي 4 هٿياربند هٿيارن جي زور تي ڦر ڪئي مزاحمت تي فورن ڊيالو ڪولهي ۽ محرم مگريو کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا جن علاج لاءِ اسپتال نيو ويو جڏهن ته ٻئي طرف مٽياري ٿاڻي جي حد مسويرڳڙي کان جٿيندل ڪوٽ ويندي معشوق چنڊ تالي همراءِ کان 2 نامعلوم ڦورو 25 هزار روڪ رقم ۽ 2 موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته مٽياري توڙي شاهپور ڊريور پوليس پاران اڄا تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي

مسويرڳڙي ڦر واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ ڊائلاسز سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ OGDCL پاران مڪمل مالي سهڪار جي خاطري

ايم اين اي ذوالفقار ستار ٻچاڻي جي OGDCL جي ايم ڊي احمد حيات لڪ سان اهم ملاقات

ضلع ٽنڊوالهيار جي مريضن کي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڊائلاسز سينٽر قائم ڪرڻ تي ڳالهيون

پاڪستان پيپلز پارٽي (PPP)جي قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ چيئرپرسن سوشل پيٽروليم ڊولپمينٽ ڪميٽي ٽنڊوالهيار ذوالفقار ستار ٻچاڻي جي OGDCLجي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محترم احمد حيات لڪ صاحب سان سندس آفيس ۾ اهم ملاقات ٿي ملاقات دوران قومي اسيمبلي جي ميمبر ذوالفقار ستار ٻچاڻي ضلع ٽنڊوالهيار ۾ ڊائلاسز سينٽر جي قيام جي حوالي سان پنهنجون گذارشون پيش ڪيون ان موقعي تي OGDCLجي ايم ڊي محترم احمد حيات لڪ صاحب ضلع ٽنڊوالهيار ۾ ڊائلاسز سينٽر جي قيام لاءِ مڪمل مالي سهڪار فراهم ڪرڻ ۽ مارچ 2027ع تائين ڊائلاسز سينٽر جو مڪمل قيام عمل ۾ آڻڻ جي يقين ڏياريائي ضلعي ٽنڊوالهيار جي عوام لاءِ هي هڪ اهم ۽ خوش آئنده قدم قرار ڏنو پيو وڃي

عثمان شاهه هڙي ايم اين اي ذوالفقار ستار ٻچاڻي جي OGDCLجي ايم ڊي احمد حيات سان ملاقات ڪندي
عثمان شاهه هڙي (رپورٽ: اي جي عاقلاڻي)

ميهڙ شهري اتحاد جي سڏ تي چوٿين ڏينهن به احتجاجي ريلي

شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف چوٿين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

آبادي وڌڻ باوجود بنيادي شهري سهولتن جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي: اڳواڻ

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ فلٽر پلانٽ ۽ واٽر سپلاءِ جون لائينون ناڪارا هجڻ شهر ۾ صفائي سٿرائي جي خراب صورتحال روڊ رستن جي تباهي ۽ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي چوٿين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي.ريلي جي اڳواڻي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي بروڻ ڊاڪٽر عبدالحق عباسي عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ سعيد پنهوان عبدالسميع شيخ ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي چونڊيل ميمبر هوش محمد جانوري، ڪائونسلر سيد عبدالفتاح شاهه چونڊيل ڪائونسلر اسماعيل بروهي رضوان آگري قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور علي جتوئي، هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد حسين ڪلهوڙي پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو قومي عوامي تحريڪ ضلعي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو مير شڪيل عطاري شير محمد آگري جاويد منگي ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ۽ شهرين جو چوڻ هو ته ميهڙ شهر جي آبادي وڌڻ باوجود بنيادي شهري سهولتن جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي. شهرين کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي فراهم ڪرڻ وارو نظام عملي طور تي ناڪارا بڻيل آهي جڏهن ته واٽر سپلاءِ جون لائينون ڪيترن ئي هنڌن تي خراب هجڻ ۽ فلٽر پلانٽ غيرفعال هجڻ سبب شهرين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو ته صاف پاڻي هر شهري جو بنيادي حق آهي پر ميهڙ جا رهواسي ڏکهي عرصي کان ان بنيادي سهولت کان محروم آهن ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ساز گڏ پاڻي جي معيار بابت پڻ شهرين پاران خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن جنهن ڪري عوام ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت ضلعي انتظاميا، ميونسپل ڪاميٽي ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته ميهڙ ۾ واٽر سپلاءِ جو نظام فوري طور بحال ڪيو وڃي، فلٽر پلانٽ فعال ڪري شهرين کي صاف ۽ مٺو پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي، شهر مان گندگي جا ڍير ختم ڪري صفائي جو بهتر نظام قائم ڪيو وڃي ۽ تباهه ٿيل روڊ رستن جي مرمت ڪرائي وڃي. اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ميهڙ جي بنيادي مسئلن ڏانهن فوري طور تي ڌيان نه ڏنو ويو ۽ عملي قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو ۽ شهرين کي گڏ ڪري احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

ميهڙ شهري اتحاد جي سڏ تي چوٿين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ مجاهد سامٽيو جو ڳوٺ جي بااثرن خلاف احتجاج

مشتاق سامٽيو، ارشاد سامٽيو ۽ ذوالفقار سامٽيو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مجاهد سامٽيو

روز روز سراسر ڪوڙين درخواستون ڪري تمام گهڻون پريشان ڪيو وڃي ٿو ٻين انصاف ڪيو وڃي

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) نجي ٽي وي رپورٽر مجاهد سامٽيو ڳوٺ جي بااثرن خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته اسان جو ڳوٺ ارباب سامٽيو سڪني ڳوٺ آهي ڳوٺ جو مشتاق سامٽيو، ارشاد سامٽيو ۽ ذوالفقار سامٽيو اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي روز روز سراسر ڪوڙيون درخواستون ڪري تمام گهڻون پريشان ڪيو وڃي ٿو پيو،بااثر مون سان هريرو پاڻي نيڪال ۽ گهٽي جي معاملي تي ڦڏو ڪندا رهن ٿا. جڏهن ته هنن جي زمين به ناهي ۽ پاڻ به سڪني زمين تي ويٺل آهن. آهي ڦڏئي ماڻهون غير قانوني طور ۽ ڏاڍ مڙسي تي اسان کي سالن کان تنگ پيا ٿا ڪن . جڏهن ته ايم اين اي سيد ابرار علي شاهه ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو وٽ منهنجي حق ۾ فيصلا به ٿيا آهن. انهن چڱن سردارن جي فيصلن تي به هي عمل نٿا ڪن. هن وڌيڪ چيو ته اڄ منهنجي پاءِ اظهار علي سامٽيو جيڪو چنگچي رڪشو هلائيندو آهي ان کي گهر ويندي مشتاق سامٽيو، ارشاد سامٽيو ۽ ذوالفقار سامٽيو خوني حملو ڪيو پر هو معجزاتي طور تي بچي ويو. ماڻ اهڙي اين سي محرابپور ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي هن ڊي آءِ جي نوابشاهه ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي هن سنگين معاملي جي لاءِ ڏري جاچ ڪرائي انصاف سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڪوٽڙي ڪبير مجاهد سامٽيو ڳوٺ جي بااثرن خلاف احتجاج ڪندي

ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جي پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جي پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي انگن اکرن مطابق 8 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ملڪ ۾ ڪچي تيل جي روزانو پيداوار 67684 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ هڪ سيڪڙو گهٽ آهي. گذريل هفتي ۾ ملڪ ۾ ڪچي تيل جي روزانو پيداوار 68797 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي هئي ساڳئي طرح 8 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ملڪ ۾ گئس جي روزانو پيداوار 3008 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ 3 سيڪڙو گهٽ آهي. گذريل هفتي ۾ ملڪ ۾ گئس جي روزانو پيداوار 3088 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي هئي انگن اکرن مطابق 8 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ او جي ڊي سي ايل جي ڪچي تيل جي روزانو پيداوار 33657 بيرل ۽ گئس جي روزانو پيداوار 636 ايم ايم سي ايف ڊي، پي پي ايل جي ڪچي تيل جي روزانو پيداوار 12396 بيرل ۽ گئس 597 ايم ايم سي ايف ڊي، پي او ايل جي ڪچي تيل جي روزانو پيداوار 4079 بيرل ۽ گئس 49 ايم ايم سي ايف ڊي، جڏهن ته ماڙي پيٽروليم جي ڪچي تيل جي روزانو پيداوار 1076 بيرل ۽ گئس جي روزانو پيداوار 867 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي

ميهڙ ۾ مختلف ڪالونين جي رهواسين جو مسئلن جي حل لاءِ احتجاج

ميهڙ(ن ع) ميهڙ بلاول ڪالوني، همدم ڪالوني ۽ اعجاز ڪالوني جا رهواسي بشير احمد هالو طارق سولنگي مزمل جانوري، وقار سولنگي، سونو پنهور نثار چانڊيو وحيد ميراڻي اعجاز ميراڻي، فياض سولنگي، محمد يوسف جتوئي، آزاد هالو انيس ڪوسو بشير ڪوسو وحيد جتوئي، افضل چانڊيو اسد الله پتوجو لياقت چانڊيو غلام نبي ڪوسو محرم علي ويگهيو خان ابڙي، راشد منگي محڪم الدين سولنگي اخلاق ملاح منير ٿيٻو محمد مٺل جسڪاڻي فهيم ابڙي، مشتاق جوڻيجو اڪبر علي ٻبن شبير ڪوسو نظير پنگي ياسر ڏيپر حفيظ خاصخيلي شبير چانڊيو فياض سومرو محمد صالح ٿيٻو ۽ ٻين ڪالوني ۾ بنيادي سهولتن کوٽ سبب احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ رهواسي پاران ايم پي فياض علي ڀٽ، ايم اين عرفان ظفر لغاري کان مطالبو ڪيو ته اسان جي بلاول ڪالوني همدم ڪالوني ۽ اعجاز ڪالوني 30 سال پراڻيون ڪالونيون آهن اسان کي صرف ووٽ مهل ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ وعدا ڪيا ويا جيڪي وفا نه ٿي سگهيا آهن وڌيڪ هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي ڪالونين ۾ گهٽيون پڪيون ناليون ۽ پيئڻ جو مٺو پاڻي واٽر سپلاءِ فراهم ڪري ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ملڪ ۾ گردش هيٺ ڪرنسي، ايم ٽو ۽ بينڪن جي کاتن ۾ هفتيوار بنيادن تي اضافو ٿيو آهي: اسٽيٽ بئنڪ

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ گردش هيٺ ڪرنسي، ايم ٽو ۽ بئنڪن جي کاتن ۾ هفتيوار بنيادن تي اضافو رڪارڊ ٿيو آهي اسٽيٽ بئنڪ موجب 4 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ گردش هيٺ ڪرنسي جو ڳاڻيٽو 11.77 ٽرلين روپيا رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو ان کان اڳ واري هفتي جي ڀيٽ ۾ 0.8 سيڪڙو وڌيڪ آهي. جنهن ۾ گردشي ڪرنسي جو ڳاڻيٽو 11.67 ٽرلين روپيا رهيو هو جاري مالي سال جي شروعات کان هن وقت تائين گردش هيٺ ڪرنسي ۾ مجموعي طور تي 1.4 سيڪڙو گهٽتائي ٿي انگن اکرن مطابق 4 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ايم ٽو جو ڳاڻيٽو 44.39 ٽرلين روپيا رڪارڊ ڪيو ويوجيڪو ان کان اڳ واري هفتي جي 43.94 ٽرلين روپين جي ڀيٽ ۾ هڪ سيڪڙو وڌيڪ آهي جاري مالي سال جي شروعات کان هن وقت تائين ايم ٽو ۾ مجموعي طور 4.4 سيڪڙو جي گهٽتائي ٿي انگن اکرن مطابق 4 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ بئنڪن جي مجموعي کاتن جو ڳاڻيٽو 32.56 ٽرلين روپيا رڪارڊ ڪيو ويوجيڪو ان کان اڳ واري هفتي جي 32.21 ٽرلين روپين جي ڀيٽ ۾ 1.2 سيڪڙو وڌيڪ آهي جاري مالي سال جي شروعات کان هن وقت تائين بئنڪن جي کاتن ۾ مجموعي طور تي 5.5 سيڪڙو جي گهٽتائي ٿي آهي

ٺٽون ڪوٽ جي ٻئا مزدورن کي پورهئي جو آسرو ڏئي مبينا طور پنجاب وڪري جي ڪوشش، احتجاج

ٻئا مزدور عورتن ۽ مرد بااثر ماڻهن پاران پورهئي جو آسرو ڏئي مبينا طور پنجاب وڪري جي ڪوشش خلاف ڏانهيو

پنجاب واسي بااثر ماڻهن يار گل پٺاڻ، دائود پٺاڻ، عظيم ملاح، محمد عيسي ملاح حيدرآباد ۾ پورهيو وٺي ڏيڻ جو آسرو ڏنو: روپا

پنجاب جي شهر صادق آباد وٺي وڃڻ لاءِ زبردستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کان انڪار تي چيتن ڀيل کنهي گم ڪري ڇڏيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ٿرپارڪر جي شهر ٺٽون ڪوٽ جي رهواسي ٻئا مزدور عورتن ۽ مرد بااثر ماڻهن پاران پورهئي جو آسرو ڏئي مبينا طور پنجاب وڪري جي ڪوشش خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون روپا زال جمع ڀيل جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته هڪ ڏينهن اڳ پنجاب واسي بااثر ماڻهن يار گل پٺاڻ، دائود پٺاڻ عظيم ملاح، محمد عيسي ملاح حيدرآباد ۾ پورهيو وٺي ڏيڻ جو آسرو ڏئي حيدرآباد پهچڻ بعد پنجاب جي شهر صادق آباد وٺي وڃڻ لاءِ زبردستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کان انڪار تي ڄاڻايل بااثر ماڻهن عورتن ۽ مردن تي تشدد جو نشانو بڻايو جڏهن ته اسان جي هڪ ماڻهو چيتن ڀيل کنهي گم ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته نوڪوٽ کان آسان 20مرد، عورتون ۽ ٻارن کي گذريل رات حيدرآباد وٺي آيا ۽ حيدرآباد جي سائٽ واري علائقي ۾ لاٿو ويو هنن چيو ته اسان کي حيدرآباد ۾ ڪم لاءِ وٺي آيا هئا حيدرآباد پهچڻ تي پٺاڻ ۽ ان جا ماڻهو ڦري ويا آهن هنن چيو ته اسان سان ظلم ٿيو آهي پٺاڻن اسان جو هڪ ماڻهو گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي زال ۽ ٻار سخت پريشاني ۾ منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماجرا جو نوٽيس وٺي گم ڪيل چيتن ڀيل کي واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

سنڌ جي وڏي ڏري ڪيٽل فارم جي تباهي جو ڪنهن نوٽس نه ورتو، ٻڪ بدحالي سبب مال بي حال

ڏري ڪيٽل فارم ۾ وڏيڪ پنج ڍور مرڻ ۽ اڪثر عملو منتقلي تي گهر ويٺي پگهارون کڻڻ جو انڪشاف

نئين مالي سال لاءِ آيل بجيٽ به ڇٽ، نئين سپريڊينٽ پاران لگزري ڪار خريد ڪرڻ سان گڏ ڪرپشن جا الزام

هتي ليڊنڊ بي پناهه ڪرپشن جو سخت نوٽس وٺي فارم ۾ سڌارو آندو وڃي يا فارم کي خانگي شعبي حوالي ڪيو وڃي: ساجهه وند

عمرڪوٽ(رپورٽ: قاضي يوسف) چار هزار ايڪڙن کان وڌيڪ ايراضي تي مشتمل سنڌ جي سڀ کان وڏي ڏري تجرباتي ڪيٽل فارم نبي سر روڊ ۾ بي پناهه ڪرپشن ۽ تباهي جو ڪنهن عملدار نوٽس نه ورتو هتي رکيل چوپايو مال مناسب کاڌ خوراڪ ۽ سار سنڀال نه ٿيڻ جي ڪري ٻڪ بدحالي جي ور چڙهي بيمار ۽ بي حال ٿي ويو آهي گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ وڏيڪ پنج ڍور مري وڃڻ جا به اطلاع آهن جڏهن ته ڪرپشن جا هي حال آهن سپريڊينٽ جي ملي ڀڳت سان فارم تي مقرر اڪثر عملو ڊيوٽيون ڪرڻ بدران منتقلي تي گهر ويٺي پگهارون کڻي پيا يا ڪن ورين پنهنجي عيوضي ۾ خانگي ماڻهو مقرر ڪري ڪم هلائن پيا ويڙا تي ويل ڪجهه ملازمن تي وري سختيون ڪري مقرر منتقلي جي رقم ۾ اضافو پڻ ڪيو ويو آهي معان وري ريٽائيرڊ ملازمن کي اهم پوسٽن تي مقرر ڪري فارم کي بيدردي سان لٽيو پيو وڃي معلوم ٿيو آهي ته ڪجهه اعلي عملدارن جي ملي ڀڳت سبب نئين مالي سال لاءِ هن فارم جي وهنوار لاءِ آيل سموري بجيٽ ڪوڙن بلن ۽ ووچرن ذريعي ڪيرائي پاڻ ۾ ورهائڻ سان گڏ فارم تي پوکيل فصل پڻ بنا آڪشن جي غير قانوني نموني وڪرو ڪري لکين روپيا هڙپ ڪرڻ جو پڻ انڪشاف ٿيو آهي ڪافي تعداد ۾ هتي موجود ڏڳين ٻڪرين ،رڍن وغيره جي ڪير جو ڪو حساب ڪتاب ڪونهي جڏهن ته ٻه سال اڳ ڪرپشن ۽ بيقاعدگين سبب هن فارم تان هٽايل سپريڊينٽ کي ورو هتي ساڳين پوسٽ تي مقرري بعد صورتحال ويتر خراب ٿي وئي آهي مختلف حرين سان ريڪارڊ ڪرپشن ڪري چوپائي مال کي نڏڪو ڪيو ويو آهي سرڪاري گاڏيون ، ٽريڪٽر ۽ ٻيا زرعي آلات بااثر ماڻهن حوالي يا ڪرائي تي هلايا پيا وڃن سرڪاري زرعي زمين پاڻيواري تي خانگي ماڻهن کي ڏني پئي وڃي گذريل ڏينهن هتي جي سپريڊينٽ پاران شوروم تان نيون لگزري ڪار خريد ڪري فوٽو سوشل ميڊيا تي شيئر ڪيو ويو جنهن بابت اهو چيو پيو وڃي ته اها قيمتي ڪار هتان جي ڪرپشن جي پئسي سان خريد ڪئي وئي آهي هتان جي سجاڳ حلقن چيف جسٽس صدر مملڪت آصف علي زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ،سيدم فريال ٽالپر ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي وئي ته هتي ليڊنڊ بي پناهه ڪرپشن جو سخت نوٽس وٺي فارم ۾ سڌارو آندو وڃي يا سرڪاري عملدارن لاءِ سوني جهرڪي بڻيل هن فارم کي خانگي شعبي حوالي ڪري وڌيڪ تباهي کان بچايو وڃي

پ پ ايم اين اي پاران سنڌ جي ورهاست وارو منصوبو رد

پ پ سنڌ امڙ سان گڏ آهي ۽ گڏ رهندي، اسان جو موقف چٽو آهي: خورشيد جوڻيجو

سنڌ جي صوبائي اسيمبلي اهڙي منصوبي کي رد ڪندي ان جي روڪ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪئي آهي

شهدادڪوٽ(پ ر) پ پ پ اڳواڻ ۽ شهدادڪوٽ مان چونڊيل ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي ورهاست واري منصوبي کي رد ڪندي چيو آهي پ پ پ سنڌ امڙ سان گڏ آهي ۽ گڏ رهندي پ پ پ جو موقف اٽل ۽ چٽو آهي اسين ورهاست واري ڪنهن به منصوبي يا ان سان لاڳاپيل سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين هن چيو ته سنڌ جي صوبائي اسيمبلي اهڙي منصوبي کي رد ڪندي ان جي روڪ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪئي آهي جيڪو سنڌ عمل آهي هن چيو ته شهدادڪوٽ ۾ اربين روپين جي فنڊن سان مٺي پاڻي واري ميگا پروجيڪٽ تي ڪم هلندڙ آهي پلاٽ واري معاملي کي به خوش اسلوبي سان حل ڪرايو ويندو ان ڏس ۾ ٽيڪنيڪل سائيڊ جي ماڻهن ۽ آفيسرن کي ويهاري شهرين جا خدشا دور ڪيا ويندا هي پروجيڪٽ شهرين جي اهم ضرورت ۽ مطالبي تي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو جي مهربانين سان منظور ڪرايو ويو آهي جنهنڪري پاڻي جي رسد سميت پهچائڻ ۽ فلٽر پائيپنگ جي ڪنهن به اشو کي شهرين کي اعتماد ۾ وٺي گڏجي حل ڪرايو ويندو ان موقعي تي ساٿس گڏ پ پ پ ضلع صدر ۽ ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين حاجي قمرالدين گوپانگ قبو سعيد خان ٽائون جو چيئرمين مير امتياز بروهي، مير اعجاز احمد بروهي ۽ مقامي پ پ پ اڳواڻ پڻ موجود هئا پريس ڪلب جي آمد واري موقعي تي صدر پريس ڪلب عبدالغني مجاهد ڪين پليڪارڊيو ۽ سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپي پارايو.

شهدادڪوٽ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو پريس ڪانفرنس ڪندي

ملڪ ۾ ڪارن جي وڪري ۾ مالي سال جي شروعاتي 2 مهينن ۾ ساليانو بنيادن تي 80 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ ڪارن جي وڪري ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي 2 مهينن ۾ ساليانو بنيادن تي 80 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ ٿيو آهي پاڪستان آٽو مينوفيڪچررز ايسوسيئيشن جي انگن اکرن مطابق مالي سال جي شروعاتي 2 مهينن ۾ ملڪ ۾ ڪارن جي 30810 يونٽس جو وڪرو رڪارڊ ٿيو آهي، جيڪو گذريل مالي سال جي ساڳئي مدي جي 17127 يونٽس جي ڀيٽ ۾ 80 سيڪڙو وڌيڪ آهي آگسٽ ۾ ڪارن جو 13642 يونٽس جو وڪرو ٿيو جيڪو جولاءِ جي 17168 يونٽس جي ڀيٽ ۾ 21 سيڪڙو گهٽ ۽ گذريل سال آگسٽ جي 10016 يونٽس جي ڀيٽ ۾ 36 سيڪڙو وڌيڪ آهي انگن اکرن مطابق مالي سال جي شروعاتي 2 مهينن ۾ 1300 سي سي ۽ ان کان وڌيڪ پاور جي 16558 يونٽس ڪارن جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ساڳئي مدي جي 9218 يونٽس جي ڀيٽ ۾ 81 سيڪڙو وڌيڪ آهي آگسٽ ۾ 1300 سي سي ۽ ان کان وڌيڪ پاور جي 7592 يونٽس جو وڪرو رڪارڊ ڪيو ويو

ڏگهڙي پرسان روڊ حادثي ۾ ٻه سڳا ڀائر زخمي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان ڪوٽ غلام محمد روڊ تي ڳوٺ سومون ربباري اسٽاپ وٽ سامهون کان ايندڙ نامعلوم گاڏي جي تيز لائٽن جي روشني اکين تي پوڻ سبب موٽرسائيڪل سلپ ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ لهڪو خان ميرجت جا رهواسي موٽرسائيڪل سوار ٻه سڳا ڀائر ولي محمد ۽ علي بخش پٽ مقصود ميرجت سخت زخمي ٿي پيا.حادثي کانپوءِ زخمين کي فوري طور تي تعلقي اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن کين طبي امداد فراهم ڪئي طبي امداد کانپوءِ زخمي ولي محمد ميرجت جي حالت کي گنڀير قرار ڏيندي هٿڻ سبب کيس وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

جيٺندل ڪوٽ فيڊر جي 40 کان وڌيڪ ڳوٺن جي بجلي بيهر ڪاٽا

مسويرڳڙي (ن ع) جيٺندل ڪوٽ فيڊرجي مسويرڳڙي ،الهڏنو ساند،شهداد بروهي،ڳوٺ تاج محمد ابڙو دليل مگريو غلام حيدر جويو سميت 40 کان وڌيڪ ڳوٺن جي بجلي واپڊا مٽياري بيهر ڪٽي ڇڏي آهي علائقي واسين قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ عبدالستار ابڙو مسويرڳڙي ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ پير بخش آرائين جسقم اڳواڻ منظار پنهور ۽ ٻين ميڊيا ساڻ ڳالهائيندي چيو آهي ته مسويرڳڙي سميت 40 کان مٿي ڳوٺن جي بجلي واپڊا مٽياري ڪٽي ڇڏي آهي هنن چيو ته بلن جي پڻ رڪوري ڪئي وئي هئي مگر عملو حصي پتي تي نه ڏهڻ ڪري بجلي بيهر ڪٽي ڇڏي آهي جنهن سبب علائقو اونداهه ۾ ٻڏل آهي اڳواڻن چيو ته هن معاملي جو تڪ جا چونڊيل نمائندن حيسڪو چيف ۽ اعلي اختياريون نوٽيس وٺي مسويرڳڙي ۽ پرياسي جي متاثر علائقن جي بجلي بحال ڪرائن ، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

سيبس يونيورسٽي ۾ ڊي ايڇ اي سٽي ڪراچي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي آمد

يونيورسٽي جي شاگردن پاران تيار ڪيل فن پارن، پينٽنگز ۽ مجسمن جو مشاهدو ڪيو

پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ۽ برگيڊيئر (ر) شفيق الرحمان وچ ۾ گڏيل منصوبن بابت خيالن جي ڏي وٺ

ڄامشورو (پ ر) ڊي ايڇ اي سٽي ڪراچي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ليڊ، برگيڊيئر (ر) شفيق الرحمان ايس آءِ (ايم)، شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو جو دورو ڪيو جتي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو سندس گرمجوشي سان آجيان ڪئي. دوري دوران برگيڊيئر (ر) شفيق الرحمان سيبس يونيورسٽي جي آءِ آر ناگوري گيلري جو پڻ دورو ڪيو، جتي هن يونيورسٽي جي شاگردن پاران تيار ڪيل فن پارن، پينٽنگز ۽ مجسمن جو مشاهدو ڪيو هن گيلري ۾ نمائش لاءِ رکيل شاگردن جي تخليقي ڪم ۽ مختلف فني اظهار ۾ خاص دلچسپي ورتي ۽ شاگردن جي فن ۽ تخليقي صلاحيتن کي ساراهيو ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو مهمان کي سنڌ جي روايتي ثقافتي سوکڙي اجرڪ ۽ يادگاري سوکڙي پيش ڪئي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ۽ برگيڊيئر (ر) شفيق الرحمان وچ ۾ آرٽ جي تعليم جي فروغ، شاگردن لاءِ انٽرن شپ ۽ ڪاروباري موقعا پيدا ڪرڻ سميت مختلف ممڪن گڏيل منصوبن بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي بنهي صنعت ۽ تعليمي ادارن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ٿي ۽ سيبس يونيورسٽي ۽ ڊي ايڇ اي سٽي ڪراچي وچ ۾ مستقبل ۾ گڏيل سهڪار لاءِ گڏيل دلچسپي وارن شعبن تي غور ڪيو ويو جي پچائي تي بنهي ڌرين شاگردن لاءِ وڌيڪ موقعا، پيشورانه تجربو ۽ عمليتعليمفراهم ڪرڻ سان گڏ سنڌ تخليقي صلاحيتن کي ڪاروباري ۽ ڪيريئر جي موقعن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ بامقصد گڏيل قدمن جي ڳولا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو

ڄامشورو پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ۽ برگيڊيئر (ر) شفيق الرحمان کي سوينئر پيش ڪندي

ڏگهڙي پوليس پاران منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروايون

مهراڻ ڪار مان وڏي مقدار ۾ سفينا هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

اي ايس آءِ اتم چند جي فرياد تي جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پوليس جي اي ايس آءِ اتم چند معمول جي گشت دوران ڳجهي اطلاع ملڻ تي ڪي جي ايم روڊ پرسان ٻاءِ پاس ريلوي ڦاٽڪ وٽ سلور رنگ جي مهراڻ ڪار نمبر 2675 کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس موجب ڪار ڊرائيور گاڏي ڇڏي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جو پيڇو ڪري پوليس ڪيس گرفتار ڪري ورتوپوليس موجب ڪار جي تلاشي دوران سفينا جا 50،50 پيڪٽن وارا ٿيلها هٿ آيا، جن مان مجموعي طور 33 هزار سفينا جون پڙيون هٿ ڪيون ويون گرفتار جوابدار پنهنجو نالو گل مڪي ولد ڄ ڪمار مالهي رهواسي نذير شاهه ڪالوني ٻڌايو پوليس اي ايس آءِ اتم چند جي فرياد تي جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

ڏگهڙي پوليس ڪارروائي ۾ هٿ آيل منشيات ۽ گرفتار جوابدار

مسويرڳڙي لڳ درگاهه محبوب شاهه وٽ ڳوٺاڻن کان ڦر

هٿيار بند هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا

علائقي ۾ ڦرن جي وڌندڙ وارداتن جي ڪري سخت بيچيني ڦهلجي وئي

مسويرڳڙي (ن ع) مسويرڳڙي لڳ شاهپور ڊريور جي حد درگاهه محبوب شاهه وٽ ڳوٺاڻن سومرو خاصخيلي احسان خاصخيلي ۽ ٻين ايندڙ ويندڙن کان ڏينهن ڏٺي جو هٿيار بند هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ٻئي طرف علائقي ۾ ڦرن جي وڌندڙ وارداتن جي ڪري سخت بيچيني ڦهلجي وئي آهي ماڻهن خوف کان گهر کان نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي جڏهن ته هتان جي رهواسين وڌندڙ بد امني خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته شاهپور ڊريور پوليس صرف منشيات جي هفتي تائين محدود بڻيل آهي ۽ رهواسين چورن ۽ ڦورن جي رحم ڪرم تي ڇڏيل آهن هنن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي مٽياري کان شاهپورڊريور ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ڦرن جو نوٽيس وٺي ايس ايڇ او کي هٽائي ايماندار فرض شناس ايس ايس ايڇ او مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ته جيئن بدامني جي باهه جو خاتمو اچي سگهي.

ميهڙ جو ڳوٺ گهاڙي گذريل پنجن سالن کان ترقياتي ڪمن کان محروم

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ يوسي ڪولاچي جي وڏي آبادي ۽ مرڪزي حيثيت رکندڙ ڳوٺ گهاڙي کي گذريل پنجن سالن کان ترقياتي ڪمن کان محروم رکڻ ۽ يوسي جي ترقياتي فنڊن جي مبينا غيرمنصفاڻي ورڇ خلاف ڳوٺاڻن ۽ سماجي اڳواڻن ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي ڳوٺ جي معزز اڳواڻن فيضان پاويل جوڻيجو احمد علي جوڻيجو اڪبر سومرو لياقت جوڻيجو منظور ڪلهوڙو امتياز اوٺو صابر هالو امتياز ملاح ماجد پٺو علي گوهر بروهي جميل جوڻيجو ۽ ٻين گڏيل پريس بيان ۾ يوسي انتظاميا جي پاليسين تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي اڳواڻن چيو ته يوسي چيئرمين رشيد احمد ڪولاچي پاران ابراهيم ڪالوني ۾ مورين جي تعمير سميت جيڪي به ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن انهن جي آجيان ڪجي ٿي پر يوسي ڪولاچي جو سڀ کان وڏو ووٽ بئنڪ رکندڙ ڳوٺ گهاڙي ۽ ان جي پرياسي وارن ڳوٺن کي گذريل پنجن سالن کان مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي جيڪو علائقي جي عوام سان ناانصافي آهي اڳواڻن فيضان پاويل جوڻيجو احمد علي جوڻيجو اڪبر سومرو ۽ ٻين سخت چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ڳوٺ گهاڙي ۽ پرياسي وارن ڳوٺن ۾ ترقياتي اسڪيمون خاص طور تي ڊرينيج ۽ پڪن رستن جا ڪم ترت شروع نه ڪرايا ويا ته يوسي فنڊن جي استعمال ۽ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا عدم برابري جي جاچ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪيو ويندو ۽ چيئرمين خلاف آئيني ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 16 سيپٽمبر 2026ع

مضبوط مقامي حڪومت ئي بهتر عوامي خدمت جي ضمانت بڻجي سگهي ٿي

سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي ايڪٽ 2026ع جي اڪثريت راءِ سان منظوري هڪ اهم سياسي ۽ انتظامي اڳڀرائي آهي. مقامي حڪومتون ڪنهن به جمهوري نظام جو بنيادي حصو هونديون آهن ڇاڪاڻ ته عام ماڻهوءَ جو روزمره واسطو گهڻو ڪري انهن ئي ادارن سان پوندو آهي. گهٽين جي صفائي، نيڪال، روڊن جي سار سنڀال، پاڻيءَ جي فراهمي، غيرقانوني اڏاوتن جي روڪٿام ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهميءَ ۾ مقامي ادارن جو ڪردار انتهائي اهم آهي. تنهن ڪري مقامي نظام بابت ڪنهن به ترميم کي رڳو پارلياماني اڪثريت يا سياسي اختلافن جي دائري ۾ ڏسڻ بدران عوامي ضرورتن ۽ جمهوري اصولن جي روشنيءَ ۾ پرکڻ گهرجي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ منظور ٿيل ترميم تحت مقامي ادارن جو مدو ختم ٿيڻ کان پوءِ ميئر يا ضلعي چيئرمين ايڊمنسٽريٽر جا اختيار سنڀاليندا ۽ نون چونڊيل ميئرن يا چيئرمينن جي عهدي سنڀالڻ تائين پنهنجون ذميواريون جاري رکندا. ڊپٽي ميئرن ۽ وائيس چيئرمينن کي ڪائونسلن جو ڪنوينر مقرر ڪرڻ، جڏهن ته يوسي چيئرمينن کي غيرقانوني اڏاوتن جي نشاندهي ڪري سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ کي اطلاع ڏيڻ جو پابند بڻائڻ به ترميم جا اهم پاسا آهن. حڪومت جو موقف آهي ته انهن تبديلين جو مقصد مقامي نظام جو تسلسل برقرار رکڻ ۽ انتظامي خال پيدا ٿيڻ کان بچڻ آهي. بظاهر انتظامي تسلسل جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، جيڪڏهن مقامي ادارن جو مدو پورو ٿيڻ کان پوءِ نئين چونڊيل نمائندن جي اچڻ تائين ڪو واضح انتظام موجود نه هجي ته شهرن ۽ ضلعن ۾ عوامي سهولتن جي فراهمي متاثر ٿي سگهي ٿي، پر سوال اهو آهي ته چونڊيل ميئر يا چيئرمين کي ئي ايڊمنسٽريٽر جا اختيار ڏيڻ سان ڇا انتظامي تسلسل سان گڏ سياسي غيرجانبداري به برقرار رهندي؟ مقامي ادارن جي چونڊن جي نگراني، اختيارن جي منتقلي ۽ انتظامي فيصلا اهڙي طريقي سان ٿيڻ گهرجن جن تي ڪنهن به ڌر کي شڪ شبهي جي گنجائش نه رهي. اپوزيشن جماعتن ترميم جي مخالفت ڪندي ايوان اندر احتجاج ڪيو. انهن جو اعتراض اهو آهي ته ميئرن کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪرڻ سان ايندڙ مقامي چونڊن جي شفافيت متاثر ٿي سگهي ٿي، ٻئي طرف حڪومت جو چوڻ آهي ته ترميمي بل تيار ڪرڻ لاءِ مختلف پارٽين تي ٻڌل 12 رڪني ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ شقن تي تفصيلي بحث ٿيو ۽ ميمبرن جون تجويزون به شامل ڪيون ويون. قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار موجب، جيڪڏهن اپوزيشن وارن کي اعتراض هئا ته اهي ڪميٽيءَ ۾ ئي مخالفت ڪري ٿي سگهيا. حڪومت اهو به واضح ڪيو آهي ته مقامي ادارن جو مدو مڪمل ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ سنڌ حڪومت اليڪشن ڪميشن کي مقامي چونڊن لاءِ خط لکندي، جڏهن ته چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ سان چونڊيل نمائندن جا اختيار معطل ٿي اليڪشن ڪميشن ۽ رٽرننگ آفيسرن ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

حڪومت جي اها وضاحت اهم آهي، پر ان سان گڏ عملي ضمانتن جي ضرورت به موجود آهي. چونڊن جي شفافيت رڳو قانون جي لفظن سان نه پر ان جي غيرجانبدار ۽ سخت عملدرآمد سان يقيني بڻجي سگهي ٿي. جيڪڏهن ميئر يا ضلعي چيئرمين ايڊمنسٽريٽر طور ڪم ڪندو ته ان جي اختيارن، مالي معاملن، ترقياتي منصوبن ۽ چونڊ عمل سان لاڳاپيل فيصلن بابت واضح ضابطا هجڻ گهرجن. اليڪشن ڪميشن کي به پنهنجي آئيني ذميوارين تحت بروقت نگراني ڪرڻي پوندي، جيئن ڪنهن به سياسي ڌر کي سرڪاري وسيلن جي ناجائز استعمال جو موقعو نه ملي. سنڌ ۾ مقامي ادارن جي بااختياريءَ جو سوال به هن بحث جو اهم حصو آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ موجب سنڌ جا مقامي ادارا ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بااختيار آهن ۽ حڪومت سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جون ذميواريون مقامي ادارن کي ڏيڻ سان گڏ پوليس کي به چونڊيل مقامي نمائندن آڏو جوابده بڻائڻ چاهي ٿي. جيڪڏهن اهڙا قدم واقعي کنيا وڃن ٿا ته انهن جو مقصد رڳو قانوني ترميم نه پر عوامي خدمت جو مؤثر نظام قائم ڪرڻ هجڻ گهرجي. مقامي ادارن کي اختيار ڏيڻ سان گڏ مالي وسيلا، عملي سهولتون ۽ جوابدهيءَ جا واضح طريقا پڻ فراهم ڪرڻا پوندا. اسين سمجهون ٿا ته سنڌ جي مقامي نظام جو مستقبل مضبوط، بااختيار ۽ عوامي جوابدهيءَ تي ٻڌل ادارن سان وابسته آهي. ترميمي ايڪٽ جو اصل امتحان ان ڳالهه ۾ هوندو ته ڇا اهو عوامي سهولتن جو تسلسل برقرار رکي ٿو، چونڊن کي شفاف بڻائي ٿو ۽ مقامي نمائندن کي حقيقي اختيار ڏئي ٿو. سنڌ جي عوام کي اهڙو مقامي نظام گهرجي، جيڪو سياسي مفادن کان مٿاهون ٿي سندن مسئلا حل ڪري. ان مقصد لاءِ حڪومت، اپوزيشن، اليڪشن ڪميشن ۽ مقامي ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته مضبوط مقامي حڪومت ئي مضبوط جمهوريت ۽ بهتر عوامي خدمت جي ضمانت بڻجي سگهي ٿي.

مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪندڙ آمريڪا-ايران جنگ جا اثر!


محمد اسماعيل لانگاهه

دنيا اڃا تائين ڪورونا وائرس جي وبا دوران پيدا ٿيل معاشي، سماجي ۽ انساني بحرانن کي مڪمل طور وساري نه سگهي آهي ته مٿان وري آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ جنگ جا امڪان عالمي امن، معيشت ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ لاءِ هڪ نئون ۽ وڌيڪ خطرناڪ چئلينج سامهون آيا آهن. جيڪڏهن اهو تڪرار ڊگهي جنگ جي صورت اختيار ڪري ٿو ته ان جا اثر وچ اوڀر کان ٻاهر تائين پکڙجن ٿا ته ان جا نتيجا ڪورونا وبا کان به وڌيڪ پيچيده ۽ گهڻ رخين تي مشتمل ٿي سگهن ٿا. ڪورونا وائرس دوران دنيا جي ڪاروباري سرگرمين کي وڏو ڌڪ رسيو، صنعتون بند ٿيون، روزگار جا موقعا گهٽيا، مهانگائي وڌي ۽ لکين خاندان معاشي پريشانين ۾ مبتلا ٿيا. پر جنگ جي صورتحال ۾ مسئلو رڳو صحت يا معيشت تائين محدود نٿو رهي. جنگ توانائي، خوراڪ، واپار، سفارتڪاري، سلامتي ۽ انساني زندگيءَ جي تقريبن هر شعبي کي متاثر ڪري سگهي ٿي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڪنهن به فوجي ٽڪراءَ جو سڀ کان وڏو خطرو تيل جي عالمي مارڪيٽ تي پئجي سگهي ٿو. وچ اوڀر دنيا جي توانائيءَ جي فراهميءَ جو انتهائي اهم علائقو آهي. جيڪڏهن تيل جي پيداوار يا آمدرفت متاثر ٿئي ٿي ته عالمي سطح تي تيل جون قيمتون تيزيءَ سان وڌي سگهن ٿيون. تيل مهانگو ٿيڻ جو مطلب ٽرانسپورٽ، بجلي، صنعت ۽ روزمره جي استعمال جون ڪيترين ئي شين مهانگيون ٿيڻ آهي. پاڪستان جهڙن ترقي پذير ملڪن لاءِ اهڙي صورتحال وڌيڪ ڏکي ثابت ٿئي ٿي. پاڪستان پنهنجي توانائيءَ جي ضرورتن جو هڪ وڏو حصو درآمد ذريعي پورو ڪري ٿو. عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ سان ملڪ جو درآمدي بل وڌندو وڃي ٿو، روپئي تي دٻاءُ پوي ٿو ۽ اڳ ئي مهانگائيءَ کان متاثر عوام لاءِ زندگي گذارڻ وڌيڪ ڏکي بڻجي ٿي. جنگ جا اثر رڳو تيل تائين محدود ناهن رهندا پر ان سان واپار جا عالمي رستا به متاثر ٿين ٿا. جيڪڏهن وچ اوڀر ۽ ان سميت پرپاسي جا سامونڊي رستا غير محفوظ ٿين ٿا ته جهازن جي آمدرفت، انشورنس ۽ سامان جي ترسيل جا خرچ وڌي سگهن ٿا. نتيجي ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ درآمد ٿيندڙ شين جون قيمتون وڌڻ جو امڪان پيدا ٿيندو. انهيءَ صورتحال ۾ خوراڪ به اهم مسئلو بڻجي سگهي ٿي، ڀاڻ، ٻج، زرعي مشينري، ٻارڻ (فيول) ۽ ٽرانسپورٽ جي قيمتن ۾ ٿيندڙ واڌ زرعي پيداوار جي لاڳت وڌائي سگهي ٿي. جيڪڏهن اها صورتحال ڊگهي ٿئي ٿي ته غريب ملڪن ۾ مهانگائي ۽ غذائي کوٽ جا مسئلا وڌيڪ سنگين ٿي سگهن ٿا. ڪورونا دوران دنيا هڪ اهڙي ئي قسم جي خوف کي منهن ڏنو هو، ماڻهو وائرس کان بچڻ لاءِ گهرن تائين محدود ٿي ويا هئا. جنگ جي صورت ۾ خوف جي نوعيت مختلف هوندي آهي. ميزائلن، هوائي حملن، دهشتگردي، لڏپلاڻ ۽ علائقائي عدم استحڪام جو خطرو ماڻهن جي ذهني ۽ جسماني سلامتيءَ کي متاثر ڪري سگهي ٿو. وچ اوڀر ۾ جنگ وڌڻ سان لکين ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿين ٿا. پناهگيرن جو نئون بحران پيدا ٿي سگهي ٿو. جنهن سان پاڙيسري ملڪن تي معاشي ۽ سماجي بار وڌندو. اهڙي صورتحال عالمي سياست کي به وڌيڪ پيچيده بڻائي سگهي ٿي.

ٻئي طرف آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ ٻين ملڪن کي به پنهنجن پنهنجن مفادن مطابق ڌرين ۾ ورهائي سگهي ٿي. جيڪڏهن تڪرار ۾ وڌيڪ ملڪ سڌي يا اڻ سڌي طرح شامل ٿي وڃن ٿا ته هڪ محدود جنگ وڏي علائقائي جنگ جو روپ اختيار ڪري سگهي ٿي. ان جو سڀ کان خطرناڪ پاسو اهو آهي ته اهڙي صورتحال کي ڪنٽرول ڪرڻ دنيا لاءِ ڏکيو ٿي سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ هن بحران ۾ سڀ کان اهم ضرورت غيرجانبدار ۽ متوازن سفارتڪاري آهي. ساڳئي وقت عالمي برادريءَ کي به جنگ بدران ڳالهين، سفارتڪاري ۽ پرامن حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. جو ته اڄ دنيا کي هٿيارن کان وڌيڪ امن جي ضرورت آهي. ڪورونا وائرس انسانيت کي اهو سبق ڏنو آهي ته هڪ بحران ڪيئن سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي سگهي ٿو؟ جنگ جو بحران ان کان به وڌيڪ تباهي آڻي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته وبا جي مقابلي ۾ جنگ جا اثر صرف اسپتالن تائين محدود ناهن هوندا پر معيشت، توانائي، خوراڪ، روزگار، واپار ۽ عالمي امن تائين پکڙجي ويندا آهن. تنهنڪري آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ تڪرار کي صرف ٻن ملڪن جو مسئلو سمجهڻ وڏي غلطي هوندي. ان جا اثر سڄي دنيا، خاص طور تي ترقي پذير ملڪن جي عام ماڻهوءَ تائين پهچي سگهن ٿا. دنيا جي طاقتور ملڪن تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته اهي طاقت جي استعمال بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪن. جو ته جنگ ۾ ڪا هڪ ڌر فتح حاصل ڪري سگهي ٿي پر انسانيت جي فتح تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن جنگ کي مڪمل طور تي بند ڪيو وڃي.

نوان منصوبا ۽ وفاقي توازن

محمد خان ابڙو

اسان جي وڏي آبادي، ٻوليءَ جي سڃاڻپ ۽ مخصوص جاگرافيائي علائقن کي بنياد بڻائي جيڪڏهن ڪراچي کي الڳ صوبو بڻائڻ جو مطالبو ڪيو وڃي ته ڇا اهو مطالبو صرف آبادي وڌيڪ هجڻ جي بنياد تي مڃي سگهجي ٿو؟ جيڪڏهن ها، ته پوءِ صوبن جون حدون تاريخ ۽ آئين جي بنياد تي مقرر ٿينديون يا هر وڏي لساني آبادي پنهنجي لاءِ الڳ نئون صوبو ناهڻ جو مطالبو ڪري سگهندي؟ جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ ڪنهن هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي اڪثريت کي نئون صوبو ناهڻ جو بنياد بڻايو وڃي ته پوءِ ڪنهن به صوبي جي موجوده تاريخي حيثيت مستقل نه رهندي. اڄ ڪراچي لاءِ الڳ صوبي جو مطالبو ٿيندو، سڀاڻي ڪو ٻيو شهر ۽ ان ڪانپوءِ ڪنهن ٻئي صوبي جو ڪو علائقو به ساڳئي اصول تحت نئين صوبي يا نئين سڃاڻپ جو مطالبو ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح، انتظامي سڌارن جي نالي تي صوبن جي سياست آهستي آهستي لساني يا ٻوليءَ جي بنياد تي ورهائجي سگهي ٿي.

پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي، جتي مختلف ٻوليون، ثقافتون ۽ تاريخي سڃاڻپون رهن ٿيون. ملڪ جي طاقت ان ڳالهه ۾ ناهي ته انهن مختلف سڃاڻپن کي ختم ڪيو وڃي، پر ان ۾ آهي ته انهن سڀني کي آئين جي دائري اندر محفوظ رکيو وڃي. سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا تاريخي صوبا آهن. انهن جي سڃاڻپ صدين کان هلندڙ تهذيبي سفر، ٻولي، ثقافت ۽ جاگرافيءَ جي بنياد تي ٺهي آهي. تنهنڪري ڪنهن به صوبي جون حدون صرف آباديءَ جي انگن اکرن يا وقتي سياسي ضرورت جي بنياد تي تبديل نه ٿيڻ گهرجن. سنڌ لاءِ هيءُ معاملو وڌيڪ حساس آهي. ڪراچي سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي ۽ ثقافتي وحدت جو حصو آهي. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ڪراچي ملڪ جو وڏو معاشي ۽ ڪاروباري مرڪز بڻجي ويو، جنهن ڪري ملڪ جي مختلف علائقن مان ڪيترائي ماڻهو اچي هتي آباد ٿيا. پر ڪنهن شهر ۾ مختلف قومن، ذاتين يا ٻولين ڳالهائيندڙ ماڻهن جي موجودگيءَ سان ان شهر جي تاريخي ۽ صوبائي سڃاڻپ تبديل نٿي ٿي وڃي. جيڪڏهن ڪراچي ۾ ڪنهن هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي وڏي تعداد کي الڳ صوبو ناهڻ جو جواز مڃيو وڃي، ته پوءِ اهو ئي اصول ٻين علائقن لاءِ به استعمال ٿي سگهي ٿو. مثال طور، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص يا ڪنهن ٻئي شهر ۾ جيڪڏهن ڪنهن گروهه جي آبادي وڌيڪ هجي، ته اهو گروهه به ساڳئي بنياد تي الڳ سڃاڻپ يا نئون صوبو ناهڻ جو مطالبو ڪري سگهي ٿو. اهڙي صورت ۾ صوبن جون تاريخي ۽ آئيني حدون مستقل رهڻ بدران هر نئين آدمشماريءَ ۾ آباديءَ جا انگ بدلجڻ سان گڏ تبديل ٿيڻ لڳنديون.

سنڌ هڪ تاريخي ڌرتي ۽ وطن آهي، جنهن هميشه مختلف قومن، ذاتين ۽ برادرين کي پنهنجي اندر جاءِ ڏني آهي. سنڌ جي اصل طاقت ان جي وسيع ثقافت ۽ ٻين کي برداشت ڪرڻ واري مزاج ۾ آهي پر برداشت ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي ته سنڌ پنهنجي تاريخي سڃاڻپ ئي وساري ڇڏي. سنڌ جو پاڪستان سان پنهنجو تاريخي ۽ آئيني تعلق آهي ۽ سنڌ ان تعلق تي قائم آهي. سنڌ سان لاڳاپيل قومي سوچ جو مطلب اهو ناهي ته پاڪستان کان الڳ ٿيڻ گهرجي. ان جو مطلب اهو آهي ته پاڪستان اندر رهندي سنڌ جي سڃاڻپ، وسيلا، حق ۽ سياسي عزت محفوظ رهڻ گهرجن. ڪراچي جا شهري مسئلا واقعي موجود آهن. پاڻي، صفائي، ٽرانسپورٽ، روڊن، نيڪال جي نظام، صحت، تعليم، ڪچري ۽ مقامي حڪومت جا مسئلا ڪافي عرصي کان شهر کي متاثر ڪري رهيا آهن. پر انهن مسئلن جو حل اهو ناهي ته صوبي جون حدون تبديل ڪري ڪراچي کي الڳ صوبو بڻايو وڃي. جيڪڏهن مقامي حڪومت جا ادارا ڪمزور آهن ته انهن کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن. جيڪڏهن پئسا ۽ وسيلا گهٽ آهن ته مناسب مالي وسيلا ڏنا وڃن ۽ جيڪڏهن انتظامي اختيار حد کان وڌيڪ وفاق يا صوبي جي سطح تي گڏ ٿيل آهن ته قانون موجب اهي اختيار هيٺين سطح، يعني مقامي حڪومتن تائين منتقل ڪيا وڃن. اهو ئي اصول پاڪستان جي ٻين صوبن ۽ علائقن تي به لاڳو ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي جا انتظامي مسئلا آهن يا اتي ماڻهن کي سهولتون ۽ اختيار نٿا ملن ته انهن مسئلن کي ترقي، وڌيڪ اختيارن ۽ بهتر انتظام ذريعي حل ڪرڻ گهرجي. جو ته جيڪڏهن هر انتظامي مسئلي جو حل نئون صوبو ناهڻ کي سمجهيو ويو ته مستقبل ۾ مختلف علائقن مان ڪيترائي نوان سياسي مطالبا اڀري سگهن ٿا.

پنجاب کي وڌيڪ صوبن ۾ ورهائڻ واري ڳالهه کي به ساڳئي انداز سان سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ وڏي صوبي کي ڪيترن ئي صوبن ۾ ورهايو وڃي ۽ هر نئين صوبي کي سينيٽ ۾ برابر نمائندگي ملي وڃي ته اهو ضروري ناهي ته ان علائقي جي وفاقي سياسي طاقت گهٽجي وڃي. ممڪن آهي ته ان جي سياسي طاقت سينيٽ ۾ وڌيڪ وڌي ۽ مختلف صوبن جي صورت ۾ پکڙجي وڃي. تنهنڪري صوبن جو تعداد وڌائڻ کان اڳ سينيٽ جي ڪردار ۽ وفاق ۾ طاقت جي توازن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ ضروري آهي. سينيٽ جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي ته پاڪستان جي سڀني صوبن ۽ وفاقي يونٽن کي سياسي لحاظ کان برابر اهميت حاصل هجي. قومي اسيمبلي ۾ نمائندگي آباديءَ جي حساب سان ٿيندي آهي پر سينيٽ ۾ سڀني صوبن کي برابر نمائندگي ملڻ وفاقي نظام جي بنيادي اصولن مان هڪ آهي. جيڪڏهن هر ٻولي ڳالهائيندڙ گروهه جي آباديءَ کي نئون صوبو ناهڻ جو جواز مڃيو وڃي، ته پوءِ نوان صوبا ٺهڻ سان وفاق ۾ سياسي طاقت جو موجوده توازن به متاثر ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري نئون صوبو ناهڻ جو سوال رڳو انتظامي مسئلو ناهي، پر اهو وفاق ۾ سياسي طاقت جي ورڇ ۽ توازن سان به لاڳاپيل مسئلو آهي. اسان اهڙو پاڪستان نٿا چاهيون، جتي هر وڏي لساني يا ٻوليءَ واري اڪثريت پنهنجي لاءِ الڳ صوبي جو مطالبو ڪندي رهي. اسان اهڙو پاڪستان چاهيون ٿا، جتي ڪو ماڻهو پنهنجي پشتون سڃاڻپ سان گڏ پاڪستاني هجي، سنڌي پنهنجي سنڌي سڃاڻپ سان گڏ پاڪستاني هجي، بلوچ پنهنجي بلوچ سڃاڻپ سان گڏ پاڪستاني هجي ۽ پنجابي پنهنجي پنجابي سڃاڻپ سان گڏ پاڪستاني هجي. قومي اتحاد جو مطلب اهو ناهي ته ماڻهن جون ٻوليون، ثقافت يا قومي سڃاڻپون ختم ڪري ڇڏجن، بلڪ مطلب اهو آهي ته انهن سڀني سڃاڻپن کي آئين تحت برابر عزت ۽ حق ڏنا وڃن. سنڌ کي ورهائڻ واري سوال جو تعلق ان ڳالهه سان آهي ته پاڪستان جا تاريخي صوبا ۽ علائقا آخر ڪهڙي بنياد تي قائم رهندا. جيڪڏهن اڄ آباديءَ جي انگن اکرن کي تاريخي صوبائي وحدت کان وڌيڪ اهميت ڏني وئي ته پوءِ سڀاڻي ڪو به صوبو محفوظ نه رهندو. هر نئين آدمشماري ڪانپوءِ نئين صوبي يا نئين سياسي حدبندي جو مطالبو ڪرڻ جو جواز پيدا ٿي سگهي ٿو.

ڪراچي ۾ رهندڙ پشتون، اردو ڳالهائيندڙ، بلوچ، پنجابي، سرائڪي ۽ ٻيا سڀ پاڪستاني سنڌ جا شهري آهن. انهن سڀني جا حق محفوظ رهڻ گهرجن. پر ساڳئي وقت سنڌ جي جاگرافيائي ۽ تاريخي وحدت به برقرار رهڻ گهرجي. پاڪستان کي نون ورهاڱن بدران مضبوط ۽ اثرائتا ادارا گهرجن. اسان کي اهڙيون مقامي حڪومتون گهرجن، جيڪي ڪراچي جا شهري مسئلا حل ڪري سگهن. اهڙي صوبائي حڪومت گهرجي، جيڪا سڀني شهرين کي برابر سمجهي ۽ اهڙو وفاق گهرجي، جيڪو پاڪستان جي سڀني صوبن ۽ وفاقي يونٽن جي حقن جي حفاظت ڪري. شهرين کي برابر حق ملڻ گهرجن ۽ هر ڪنهن جي ٻولي، ثقافت ۽ سڃاڻپ جو برابر احترام ٿيڻ گهرجي.

سنڌ ڪنهن به شهري کي سنڌ مان ڪڍڻ جي ڳالهه نٿي ڪري. جيڪو به پاڪستاني سنڌ ۾ رهي ٿو، اهو سنڌ جو شهري آهي ۽ ڪيس برابر عزت ۽ حق ملڻ گهرجن. ڪراچي ۾ رهندڙ پشتون، اردو ڳالهائيندڙ، بلوچ، پنجابي، سرائڪي ۽ ٻيا سڀ پاڪستاني سنڌ جا شهري آهن. انهن سڀني جا حق محفوظ رهڻ گهرجن. پر ساڳئي وقت سنڌ جي جاگرافيائي ۽ تاريخي وحدت به برقرار رهڻ گهرجي. پاڪستان کي نون ورهاڱن بدران مضبوط ۽ اثرائتا ادارا گهرجن. اسان کي اهڙيون مقامي حڪومتون گهرجن، جيڪي ڪراچي جا شهري مسئلا حل ڪري سگهن. اهڙي صوبائي حڪومت گهرجي، جيڪا سڀني شهرين کي برابر سمجهي ۽ اهڙو وفاق گهرجي، جيڪو پاڪستان جي سڀني صوبن ۽ وفاقي يونٽن جي حقن جي حفاظت ڪري. شهرين کي برابر حق ملڻ گهرجن ۽ هر ڪنهن جي ٻولي، ثقافت ۽ سڃاڻپ جو برابر احترام ٿيڻ گهرجي. پر صرف ڪنهن هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي اڪثريت جي انگن اکرن جي بنياد تي تاريخي صوبن جون حدون تبديل نه ٿيڻ گهرجن. ڪراچي سنڌ جو تاريخي شهر آهي ۽ سنڌ پاڪستان جو هڪ تاريخي صوبو ۽ وفاقي يونٽ آهي. ڪراچي جي هر شهريءَ کي برابر حق ڏيڻ سان پاڪستان مضبوط ٿيندو، پر سنڌ کي ورهائڻ سان پاڪستان جي وفاقي نظام ۽ سياسي توازن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد نه ملندي. اسان کي اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جيڪا ماڻهن کي سندن حق ڏئي، پر زمين ۽ علائقا ٻولي يا لساني بنياد تي ورهائي نه. اهو ئي سنڌ جي مفاد ۾ آهي، اهو ئي پاڪستان جي مفاد ۾ آهي ۽ هڪ مضبوط وفاق لاءِ به اهو ئي بهتر رستو آهي.

(جنگ جي ٿورن سان)

مجبور عوام لاءِ مذاق بڻجي ويل رليف!

قاسم خاصخيلي

هاڻ ته چوڌاري جڻ ماڻهو ڪنهن مضبوط هٿن ۾ جڪڙجي ويا هجن. نه جند آجي ڪرائي ٿا سگهن، نه احتجاج ڪري ٿا سگهن ۽ نه وري آزاديءَ سان پنهنجي دردن جو اظهار ڪري سگهن ٿا. ملڪ ۾ روزانو جي بنياد تي وڌندڙ تيل جي اگهن ماڻهن جون متيون منجهائي ڇڏيون آهن. عام واهپي جي شين کان وٺندي زندگيءَ جي ضرورت جي هر شيءِ پوري ڪرڻ هاڻي هتان جي ماڻهن لاءِ وڏو امتحان بڻجي ويو آهي. اهو وزيراعظم جيڪو اقتدار ۾ مسند تي ويهڻ کان اڳ مخالفن خلاف وڏيون تقريرون ڪري سرعام عوامي جلسن ۾ عوام کي "رليف" ڏيڻ جون ڳالهيون ڪندو هو ان جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ جڻ ته ملڪ جا ماڻهو ٿي نوان ڪپڙا پائڻ لاءِ سڪي رهيا آهن. ٽرانسپورٽرن پاران روزانو جي بنياد تي وڌندڙ تيل اگهن جي بهاني ڀاڙا ٿي وڌايل ڪراين کي وڌيڪ وڌائڻ جا بهانا ڪري عوام جو الڳ رت چوسي رهيا آهن. فيڪٽرين جا مالڪ هجن يا مطلب ڪنهن به شيءِ جو ڪارخانيدار، سرمائيدار يا دڪاندار هجي، هر ماڻهو پنهنجي وس آهر ناجائز فائدو وٺي رهيو آهي. سڀني شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري مسڪينن جو روز اڪيون آليون ڪري رهيا آهن. هڪ ڏهاڙي ڪمائڻ وارو مزدور، هاري ۽ ڪانٽريڪٽ تي بيٺل ننڍو ملازم زندگيءَ کي پاڻ مٿان هن ملڪ ۾ بار سمجهي مجبورن جيئڻ جا جتن ڪري رهيو آهي. سفيد پوش وچولو طبقو ۽ خوددار ماڻهو پڻ زندگيءَ کي ڏکيائين سان گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. پيٽرول ۽ ڊيزل جي روز روز وڌندڙ اگهن سبب مهانگائيءَ جو طوفان گهٽ ٿيڻ بجاءِ هر روز وڌي رهيو آهي، عام ماڻهو ان طوفان جي زد ۾ اچي ويو آهي. نه تن تي پورو ڪپڙو رهي ٿو نه سڪ نصيب ٿئي ٿي نه ئي غريب ماڻهو بيمارين ۾ دوا ڏرمل وٺڻ جي قابل رهيو آهي. نه ئي ڪنهن مٽ مائٽ، پاڙيسري يا ڪنهن دوست جي غمي توڙي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جهڙو رهيو آهي. مهانگائيءَ سبب ڏينهون ڏينهن ملڪ ۾ ماڻهو روزانو جي بنياد تي غربت جي لڪير کان هيٺ اچي رهيا آهن. مگر اقتدار جي نشي ۾ مست حڪمرانن لاءِ اها موئي خير جي ڳالهه آهي. بس ڪو وزير يا مشير ٽي ويءَ تي ويهي رليف ڏيڻ جا هوائي فائر ڪري هليو ٿو وڃي پر حقيقت ۾ نه ڪو رليف ڏنو ٿو وڃي، نه ئي مهانگائيءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. ماڻهن کي غربت مان ڪڍڻ جي ڪا اسڪيم ڏني ٿي وڃي، جنهن سان ماڻهو پنهنجي پيرن تي بيهي مهانگائيءَ ۽ غربت جو مقابلو ڪري سگهن. هڪڙي پاسي روزانو تيل جا اگهه وڌائي عوام مٿان عام طور تي وڏو بار وڌو پيو وڃي ته ٻئي طرف خبر ناهي ته ڪهڙن صلاحڪارن جي صلاحن تي في ليٽر تي سؤ رپيا ننڍين گاڏين رڪشن ۽ موٽرسائيڪل وارن کي رليف ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جيڪو پڻ اڳ ۾ ٻن هزارن واري رليف وانگر صرف اشتهارن جي زينت بڻجي رهيو آهي. سؤ روپيا رليف مخصوص طريقي سان ڏنو ويندو جنهن جون شرطون ٻڌندي ئي ماڻهو ڪن کي هٿ هڻي توبهه ڪرڻ لڳي وڃي ٿو لڳي ٿو ته رليف لاءِ موبائيل تي ميسيجن موڪلڻ مان به حڪومت کي ڪجهه نه ڪجهه ملندو پر ان جي ابتڙ عوام کي ان رقم جو ڪو اڌ حصو به رليف ملڻ جي اميد مشڪل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اگر رليف ڊيٽو ٿي آهي ته مڪمل طور جيئن آسانيءَ سان تيل جا اگهه وڌائي عوام جا کيسا خالي ڪيا ٿا وڃن. تيئن آسانيءَ سان سؤ روپيا في ليٽر ڊيزل ۽ پيٽرول تي گهٽ ڪيا وڃن يا حڪومتي خرچ گهٽ ڪري مبينا طور ٿيندڙ ملڪ ۾ ڪرپشن خلاف ڏنڊو کڻي حڪومتي آمدني بهتر ڪري عوام جو احساس ڪندي پيٽروليم ليوي مڪمل طور ختم ڪئي وڃي. ان سان به عوام کي سٺو رليف ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿو. باقي نئين سر نوان ناٽڪ عوام کي ڪو به بهتر رليف نٿا ڏئي سگهن سرڪار کي عوام جو اونو آهي ته حقيقي رليف طرف قدم کڻي. جنهن سان عوام مڪمل سک جو ساهه کڻي سگهي. حڪمرانن کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته عوام کي هروقت خاموش ۽ مجبور سمجهڻ وڏي غلطي آهي. ماڻهو هن وقت مهانگائي برداشت ڪري رهيا آهن پر انهن ۾ مايوسي وڌي رهي آهي. جڏهن هڪ عام ماڻهو پنهنجي ٻارن جي ضرورتن، گهر جي خرچن، بجليءَ جي بلن، سفر جي ڪراين، دوائن ۽ ڪاڌي پيتي جي خرچن کي گڏ ڪري ٿو ته کيس پنهنجي مستقبل بابت فڪر ٿيڻ لڳي ٿو. تنهنڪري حڪمرانن لاءِ ضروري آهي ته اهي عوام جي انهيءَ بيچينيءَ کي سمجهن ۽ وقت سر اهڙا قدم کڻن. جن سان ماڻهن کي حقيقي ساهه کڻڻ جو موقعو ملي. ملڪ جي معيشت مضبوط ڪرڻ لاءِ به ضروري آهي ته عوام جي قوت خريد برقرار رهڻ گهرجي. جيڪڏهن ماڻهن وٽ پئسا ئي نه بچندا ته بازار ۾ خريداري گهٽ ٿيندي، ڪاروبار متاثر ٿيندو ننڍا واپاري پريشان ٿيندا ۽ بيروزگاريءَ ۾ واڌ ٿيندي. تنهن ڪري مهانگائيءَ کي رڳو عام ماڻهوءَ جو مسئلو سمجهڻ بدران ان کي معيشت جو مسئلو سمجهڻ گهرجي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سرڪار رڳو رليف جا اعلان ڪرڻ بدران عملي طور تي عوام جي زندگي آسان ڪرڻ لاءِ قدم کڻي. پيٽروليم شين جي اگهن، ٽرانسپورٽ جي ڪراين، بجلي ۽ گئس جي بلن ۽ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ لاءِ گڏيل پاليسي جوڙي وڃي. غريب طبقي کي اهڙو سهارو ڏنو وڃي، جنهن سان هو پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي.

qasimkhaskheli97@gmail.com

لطيفي لاٽ ـــــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سائرِ صحتَ سِپرين، آهي نہ آزارَ،
مجلس وير مِلو ٿئي، ڪوئيندي ڦهار،
خنجرُ تنهن خوبُ هٿي، جنهن سين ٿئي يارُ،
صاحبُ رَبّ ستارُ، سوجهي رڳون ساهہ جون.

پرين صحت لاءِ نار وجهندڙ مرهم آهي، ۽ هو هرگز پيڙا ڏيندڙ نہ آهي. هو ڪچهريءَ ۾ (رهاڻ ڪندي) مٺو ٿو لڳي، پر ڪوڙڻ ۾ ڦهري (ظالم) ٿو اچي. جنهن جو هو دوست ٿئي ٿو، تنهن کي خوب ڪاٽيون ٿو هڻي. پردو رکندڙ رب ساهہ جون رڳون بہ ٿو ڏچوئي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 16 سيپٽمبر

نورمحمد وڪيل

سنڌ جي هن عظيم تعليم دوست انسان ۽ قانوندان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1845ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ چڪري ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيو. اڳتي هلي علي ڳڙهه ڪاليج مان بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد دکن ۾ وڪالت شروع ڪيائين پر ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌ موٽي آيو. ڪجهه عرصي تائين خيرپور ۾ جج طور ڪم ڪيائين پر پوءِ استعيفا ڏئي حيدرآباد ۾ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين. 1923ع ۾ هو بمبئيءَ جي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. 1920ع واري ڍاڪي ۾ هن مسلم ايڊيوڪيشنل سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو. هو حسن علي آفنديءَ جي قائم ڪيل "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" جو سرگرم ڪارڪن هو. خلافت تحريڪ ۾ به ڀرپور ورتائين. 1858ع ۾ انگريز سرڪار "حيدرآباد هاءِ اسڪول" قائم ڪيو. نور محمد انهيءَ اسڪول جي قيام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. 1924ع ۾ انهيءَ اسڪول جو انتظام نور محمد لاڪير جي مسلم ايڊيوڪيشنل سوسائٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو. نور محمد جي ڪوششن سان اهو اسڪول سنڌ جي مسلمانن جو هڪ اهم تعليمي ادارو بڻجي ويو. 1930ع ۾ انهيءَ اسڪول کي "نورمحمد هاءِ اسڪول" جو نالو ڏنو ويو. انهيءَ اسڪول جي عمارت 1933ع ۾ جڙي راس ٿي. هن سنڌ جي ڏورانهن علائقن مان ايندڙ شاگردن کي رهائش جون سهولتون ڏيڻ لاءِ 57 ڪمرن تي مشتمل هاسٽل پڻ ٺهرائي. هن جي خواهش هئي ته حيدرآباد ۾ هڪ مسلم يونيورسٽي قائم ٿئي افسوس جو زندگيءَ سندس ساٿ نه ڏنو ۽ هو 22 آگسٽ 1937ع تي پنهنجي خالق حقيقيءَ سان وڃي مليو.

آغا تاج محمد

اڄوڪو ڏينهن مشهور تعليمي ماهر اديب ۽ منتظم آغا تاج محمد جي ياد ڏياري ٿو. جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1904ع ۾ سکر ضلعي جي ڳوٺ باگڙجيءَ ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان ميونسپل هاءِ اسڪول سکر مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي اي ۽ بي ٽي جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مدرسي هاءِ اسڪول ۾ استاد طور ڪيائين. ان بعد تعليم کاتي ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس ۽ خيرپور ۾ ڊائريڪٽر آف اسڪولس طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هو سچا سارا ٻارهن سال سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار پڻ رهيو. هن کي ادبي، سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين سان گڏ راندين سان خاص دلچسپي هئي. هو صوبائي اسڪائوٽ ڪمشنر، روٽري ڪلب جو ميمبر پڻ شاهه ميموريل ڪائونسل جو ميمبر ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪلچر سينٽر جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر رهيو. انگريز سرڪار پاران کيس "قيصر هند" ۽ "خان صاحب" جو خطاب به مليو. هن 24 ڪتاب لکيا، جن مان اڪثر درسي آهن. "آغا" تخلص سان شاعري به ڪيائين. هن 10 آڪٽوبر 1959ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس نالي سان حيدرآباد ۾ "آغا تاج ڪميٽي" قائم ڪئي وئي.

شازيه خشڪ

اڄ مشهور ڪلاڪاره شازيه خشڪ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 16 سيپٽمبر 1970ع تي جامشوري ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن جا ڏاڏا آزاد ڪشمير جي نيلم ماٿريءَ جا رهواسي هئا. 1986ع ۾ هن پروفيسر محمد ابراهيم خشڪ سان شادي ڪئي. هن کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروڊيوسر ڪوثر ٻرڙي ۽ پاڪستان ٽيليويزن تي سلطانه صديقيءَ متعارف ڪرايو.

هن جي ڳايل لوڪ گيتن سڄي پاڪستان ۾ وڏي مقبوليت ماڻي. هن نه فقط سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ ڳايو بلڪ اردو، گجراتي، ڍاٽڪي، ڪشميري، پشتو، بلوچي ۽ براهوي ٻولين ۾ به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. 2019ع ۾ هن ڳائڻ کان ڪناره ڪشيءَ جو اعلان ڪيو.

عبدالحق پرٽ

اڄ مشهور سياستدان عبدالحق پرٽ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 16 سيپٽمبر 1948ع تي ڳوٺ پورٽي، تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز جي هڪ زميندار خاندان ۾ جنم ورتو. اڃا نون مهينن جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان پبلڪ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. هن 1979ع ڌاري يونين ڪائونسل پالهائي جو چيئرمين چونڊجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي. 1998ع وارين غير جماعتي چونڊن ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هو ڪُل 5 ڀيرا صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هو صوبائي مال ۽ اينٽي ڪرپشن جو صوبائي وزير پڻ رهيو. هن غريب عوام جي مدد لاءِ 1993ع ۾ "غريب نواز تنظيم" جو بنياد رکيو ۽ ٺارو شاهه ۾ "غريب نواز اسپتال" قائم ڪئي. هن 4 ڊسمبر 2018ع تي وفات ڪئي.

اخلاق جوکيو

هن نامور صحافيءَ ۽ قوم پرست ڪارڪن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1968ع ۾ محراب پور ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هن جو والد محبوب جوکيو سنڌ جو مشهور اديب ٿي گذريو آهي. هن مئٽرڪ پاس ڪرڻ سان گڏ پاڪستان نيول اڪيڊمي ڪراچيءَ مان نيويگيشن ۽ سيمين شپ جي سکيا حاصل ڪئي. هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ٻارڙن جي تنظيم ساٿي ٻارڙا سنگت ۾ شموليت سان ڪئي. ان بعد لطيف سنگت، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، جيئي سنڌ تحريڪ ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ (بشير خان قريشي گروپ) جو حصو رهيو. اخلاق جوکيءَ پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو هڪ صحافيءَ طور گذاريو آهي. پاڻ سنڌ جي ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن جو سب ايڊيٽر اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر رهي چڪو آهي. 1998ع ۾ "روزاني تعمير سنڌ اخبار" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو هن هفتيوار "ساهتي آواز" جاري ڪئي ۽ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي ڪيترائي ڪالم ۽ ايڊيٽوريل لکيا سچ لکڻ جي ڏوهه ۾ جيل ياترا به ڪيائين. هو سٺو اديب پڻ آهي. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "موتين مالها" ڇپجي چڪو آهي. ٿوري گهڻي شاعري پڻ ڪئي اٿس ان کان علاوه بشير خان قريشيءَ جي شخصيت تي ڪتاب "وڏو" پڻ ترتيب ڏئي ڇپرائي چڪو آهي.

مشتاق پرگڙي

مختيار انڙ

هن مشهور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر جو جنم 16 سيپٽمبر 1974ع تي ڳوٺ اٿين شاخ، تعلقي جوهي ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو. هن شروعاتي تعليم جوهيءَ مان حاصل ڪئي. جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان دادوءَ مان پاس ڪيا. هن بي اي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. هن 1988ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ مضمون نگار طور متعارف ٿيو. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ٻاجهي" (ڪهاڻيون)، "سفر" (ڪهاڻيون)، "لفظ نه آهن ڪيلوٽا" (مضمون، خاڪا ۽ ڪالم)

"موکي مت اپٽيا" (شاعريءَ جو گڏيل ڪتاب) شامل آهن. جيووجي ته بليووڊ جي مشهور فلم "پي ڪي" جو مرڪزي خيال مشتاق پرگڙيءَ جي لکيل ڪهاڻيءَ "مسٽر پي ڪي ۽ اسلام" تان ورتل آهي. هن 18 جولاءِ 2007ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

عباس ڪوريجو

هن نامور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مضمون نگار اڄوڪي ڏينهن تي 1983ع ۾ قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ محمد بخش ڪوريجو ۾ پنهنجي حياتيءَ جي پٽڙيءَ تي هلڻ شروع ڪيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول جيئڻ ابڙو مان پاس ڪيو. ٻارهين ۽ ٻارهين ڪلاس شاهه لطيف ڊگري ڪاليج قمبر ۾ پڙهيو هن ايڪنامڪس سنڌي ادب ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون آهن عباس ڪوريجي اسڪول ۾ پڙهڻ دوران ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هو اڃا اٺين ڪلاس جو شاگرد هو جڏهن سندس پهرين ڪهاڻي "ٻاجا" ڇپجي پڌري ٿي ان بعد لاڳيتو ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو رهيو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "جنڊ پيرن هيٺ" (ڪهاڻيون)، "پنهنجي ڌرتي" (ڪهاڻيون)، "جديد ڪهاڻي: فن ۽ موضوع" (تحقيق)، "ادب ۽ انتها پسندي" (مضمون)، "وڻ" (ناول) ۽ "بيمل پاڻي" (ناول) شامل آهن

آخوند حاجي فيض محمد

آخوند حاجي فيض محمد پنهنجي دور جو هڪ محنتي استاد، ايماندار آفيسر ۽ ليکڪ هو هو 1894ع ڌاري آخوند محمد اسماعيل جي گهر نوشهري فيروز جي شهر ۾ پيدا ٿيو هن پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي شهر مان ئي حاصل ڪيائين جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان نوشهري فيروز مان پاس ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪوڙو مل چندن مل (ڪي سي) اسڪول ۾ ماستريءَ سان ڪيائين اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ پهريائين بيٽ آفيسر ۽ پوءِ ايڊيوڪيشن سپروائيزر طور خدمتون سرانجام ڏنائين رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر ڪي سي اسڪول ۾ ماستري ڪيائين هن 1932ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪئي ۽ حج جو سفرنامو "پهلي پار ڌي سفر" جي عنوان سان لکيائين جيڪو 2010ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو سندس ٻين ڇپيل ڪتابن ۾ "قاديانيءَ جو چيلينج ۽ ان جو جواب" ۽ "تاريخ القرآن" شامل آهن هن 16 سيپٽمبر 1954ع تي راهه رباني ورتي

ساقي سجاولي

ساقي سجاوليءَ جو شمار سنڌ جي برڪ ڪهاڻيڪارن، سنڌيڪارن ۽ ناٽڪ نويسن ۾ ٿئي ٿو سندس اصل نالو غلام احمد هو ۽ هن جو جنم 10 جنوري 1914ع تي سجاول ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ محمد عارب داروغي جي گهر ۾ ٿيو تعليم حاصل ڪرڻ بعد پهريائين داروغي پوءِ ڪلارڪ ۽ بعد ۾ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ٻالڪپڻ کان ئي لکڻ جو شوق هئس سندس پهرين ڪهاڻي "آهه غريبي تو مون کي تمنائن کان روڪيو" الوحيد اخبار ۾ 1936ع ۾ ڇپي ان بعد سندس ڪهاڻيون ۽ افسانا مختلف ادبي رسالن جي زينت بڻجندا رهيا آهن هن 1948ع ۾ "اهل قلم" نالي سان هڪ رسالو جاري ڪيو جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر هو اهو رسالو پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ڇپجندڙ اوائلي سنڌي ادبي رسالن مان هڪ هو هن خليل جبران جي مشهور ناول The Prophet جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هن "ساقي آرٽ سرڪل" قائم ڪري سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا ۽ انهن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين ساقي سجاوليءَ جا 22 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيترائي ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن هن 16 سيپٽمبر 1960ع تي وفات ڪئي

اعجاز علي خان جتوئي

هن نامور سياستدان جو جنم 5 آڪٽوبر 1954ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ پيٽو جتوئيءَ ۾ ٿيو سندس والد عبدالحميد خان جتوئي به نامور سياستدان هو اعجاز علي جتوئيءَ شاگرديءَ واري زماني ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شموليت اختيار ڪري پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي هن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ انهيءَ تحريڪ دوران قيد پڻ ڪاٽيائين هن 1985ع ۾ بلدياتي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ ساڳئي ئي سال پاڪستان جي سينيٽ جو ميمبر چونڊيو ويو اڳتي هلي 1997ع ۾ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ٻيهر سينيٽر چونڊيو ويو 1988ع ۾ سائين جي ايم سيد جي جوڙيل "سنڌ قومي اتحاد" ۾ شموليت اختيار ڪيائين هو ڪجهه عرصو ضلعي ڪائونسل دادوءَ جو ميمبر پڻ رهيو هن 16 سيپٽمبر 1997ع تي آمريڪا جي شهر فينڪس ۾ وفات ڪئي

امداد علي سرائي

امداد علي سرائي پنهنجي دور جو مشهور محقق اديب ۽ شاهه جي شاعريءَ جو سچو عاشق ۽ پارکو هو هن قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر نصيرآباد ۾ 4 سيپٽمبر 1936ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر نصيرآباد مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين هن سنڌ جي روينيو کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو جن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار انچارج مختيارڪار ۽ ڪمشنر حيدرآباد جو آفيس سپرنٽينڊنٽ وغيره جهڙا اهم عهدا شامل آهن هن کي ٻلاري پٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي شمس العلماء علامه عمر بن محمد دائودپوٽي کي شاهه جو رسالو ترتيب ڏيڻ ۾ مددگار رهيو ڀٽائيءَ جو اڻ ڇپيل ڪلام هٿ ڪرڻ لاءِ رڻ ڪڇ، ٻاڙمير، آڏيپور، گانڌيڌام، احمدآباد ۽ الهاس نگر جهڙن ڏورانهن علائقن جو سفر ڪيائين ان کان علاوه هندستان جي ٻين به علائقن جو سفر ڪيائين هن جيڪي بيش بها ڪتاب لکيا، تن ۾ "املهه اڻ تورا"، "قدم ڪاپڙين جا" ۽ "ڪشتي منجهه ڪتا" شامل آهن هن انمول انسان 16 سيپٽمبر 2002ع تي اسان کان هميشه لاءِ موڪلايو

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 47 سال 2026

سائين بخش ولد غلام رسول ذات ڪيريو رهاڪو ڳوٺ منصوره ڏيپر پي او منصوره تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري..اپليڪينٽ. بخلاف. (1)مسمات زاهده بيواهه سومر ڪيريو ڌيءَ غلام رسول (2) محمد بخش ولد غلام رسول (3) مسمات شاهده زال صاحب خان ڪيريو ڌيءَ غلام رسول (4)مسمات عاشي ڌيءَ غلام رسول (5) نظام ولد غلام رسول (6) صدا حسين ولد غلام رسول (7) مسمات شهلا زال علي محمد ڌيءَ غلام رسول (8) حسين بخش ولد غلام رسول ذات ڪيريو رهاڪو ڳوٺ منصوره ڏيپر پي او منصوره تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري (9) امام بخش ولد غلام رسول (عمر 15 سال) (10) حاجاڻي ڌيءَ غلام رسول (عمر 13سال) (11) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي فوتي غلام رسول شناختي ڪارڊ نمبر 4130167292337 وفات جي تاريخ 27-02-2026 جي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پراپرٽي ۾ 25 سيڪڙو Compensation Amount انشورنس ڪمپني ڏانهن نالي Beemah Company (Al Rajhi Lilameen altawuni Kingdom of Saudi Arabia تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 41 سال 2026

امان الله ولد الله رکيو رهاڪو ڳوٺ جمال ڏاهري هالا نيو ضلعو مٽياري..اپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات ياسمين ڏاهري بيواهه الله رکيو (2) مس صنمر ڌيءَ الله رکيو (3) مس افشان ڌيءَ الله رکيو (4) مس صفيه ڌيءَ الله رکيو (5) حفيظ الله ولد الله رکيو (6) مس رابيل ڌيءَ الله رکيو سيريل نمبر 1 کان 2 بالغ سيريل نمبر 3 کان 6 مائنر معرفت گارڊين مسمات ياسمين ڏاهري رهاڪو ڳوٺ جمال ڏاهري هالا نيو ضلعو مٽياري (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 278 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي فوتي الله بخش شناختي ڪارڊ نمبر 4130157570841 وفات جي تاريخ 01-02-2023 جي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پراپرٽي ۾ 02 Burslet (77.500 Gross Net 54.00 Grams 02 Teeka Gross 29.200 Net 18.00 Grams Total Gross 106.700 Net 72.00 Grams) تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
(روبرو جناب خالد حسين لغاري)
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 28 سال 2026
سمري سوٽ نمبر 197 سال 2025

محمد شريف..پلينٽف. بخلاف. شهزاد احمد شاهه ولد خورشيد احمد شاهه رهاڪو گهر نمبر 514/1 نزد پراڻي عيدگاهه صدر ڪينٽ حيدرآباد..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سيد امير علي شاهه ولد نياز حسين شاهه وينل اوڏيرو لعل اسٽيشن تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي مسمات ماريت بنت مهدي شاهه زوجه نياز حسين شاهه جيڪا تاريخ 22-03-2023 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه کٽڻ ٽپو اي نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) سيد امير علي شاهه (پٽ) (2) نياز حسين شاهه (گهروارو) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه اهل تشيح جو مسلمان هو سندس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) نظير حسين شاهه ولد مهدي شاهه نمائي (2) يار علي شاهه ولد عبدالله شاهه نمائي جن ڳوٺ اوڏيرولعل اسٽيشن ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش مري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سيف الله ولد طارق جاويد آرائين وينل محمد حسين آرائين تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي طارق جاويد آرائين ولد محمد سرور جيڪو تاريخ 25-06-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سعيد پور اي نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) سيف الله آرائين (پٽ) (2) مسمات زاهده (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه اهل تشيح جو مسلمان هو سندس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) آصف علي ولد محمد اسحاق آرائين (2) خالد جاويد ولد عبدالشڪور آرائين جن ڳوٺ مولوي محمد يوسف ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش مري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار محمد زين شيخ ولد پرويز اختر رهاڪو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي پرويز اختر ولد شيخ سردار احمد تاريخ 11-09-2014 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 130,131,61/A,66/A,B ايراضي 21-09 ديهه هاليپوٽو ٽپو سيري تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپو هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) محمد معاذ (پٽ) (2) محمد زين شيخ (پٽ) (3) عروج شيخ (ڌي) (4) شائزه سفيان (ڌي) (5) مسمات قمر سلطان (بيواهه) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد

ڪيم گندي نالي مان ڪيئي اصل مالڪ حوالي ڪري ڇڏيو آهي

بقايا	46	روزاني عبرت

چائنجي وئي آهي ان سلسلي ۾ وليد ٿاڻي جي حد مان گم ٿيل بن بارڙين صورت المنتهيٰ ۽ ماهه نور جڏهن ته حيدري ٿاڻي جي حد مان گم ٿيل عريبا بروهي ۽ الاقته بروهي جي گمشدگي جو بروقت اطلاع ملڻ تي لاڙڪاڻو پوليس

ڪوٽائن سميت سڄي سنڌ ۾ ,,سنڌ منهنجي امان جي عنوان هيٺ عوامي رابطا مهم ۽ هلائڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته ڪنهن به غير آئيني، غيرقانوني، غير جمهوري، پي سي او ريگيوليشن يا ريفرنڊم جي ذريعي سنڌ ۾ زبردستي صوبا ٺاهڻ جو فيصلو مڙهيو ويو ته غير آئيني فيصلا ڪندڙن جون گوليون ختم ٿي وينديون ۽ ڪروڙين سنڌين جا سينا ختم نه ٿيندا،

ڊي او حيسڪو سيوهڻ ياسر ميمڻ جي اڳواڻي ۾ آپريشن جاري رکيو ويو حيسڪو ٽيم مختلف ڀاڱن بندر محلا، پراڻو بس اسٽاپ، ڪربلا محلا سميت شهر جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني ڪنيڪشن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي، حيسڪو ٽيم پاران ڄاڻايل علائقن ۾ ٿنڀن تي لڳل چوري وارا ڪنيڪشن وڍي انگ ۾ ڪاٽي تارون قبضي ۾ وٺي ڇڏيون، ان حوالي سان ايس ڊي او حيسڪو سيوهڻ ياسر ميمڻ

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعا، 2 لاش مليا سميت 4 ڄڻا فوت

ملير ڪينٽ ۾ گهر مان 35 ورهين جي وڪرم مسيح جو ڪنڊو ٻڌل لاش هٿ آيو

جهانگير روڊ تي گهر ۾ ڪم دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 27 ورهين جو اساما فوت

نصرت ڀٽو ڪالوني ۽ سرجاني ٽائون مان 55 ورهين جي نامعلوم شخص ۽ 42 ورهين جي جاويد جا لاش هٿ آيا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي ياد ۾ منعقد ڪيل تقريب کي ميرذادو ابڙو خطاب ڪري رهيو آهي

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي خدمتن تي پيغام لاءِ سنڌالاجي ۾ سيمينار منعقد

ڪامريڊ جون خدمتون تاريخ جو روشن باب آهن: ڊاڪٽر فتح محمد مري

تقريب کي مير نادر علي ابڙو، ڊاڪٽر نياز لطيف، تاج جويو ۽ ٻين خطاب ڪيو

... انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان سنڌ جي ناميارو اديب، ڪالم نگار، سياستدان، صحافي جج ۽ سماج سڌارڪ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي شخصيت ۽ ڪردار ... اداري جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ "ڪامريڊ تاج محمد ابڙو: شخصيت ۽ ڪردار" جي عنوان سان ٿيل هن پروگرام بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ نانگ ڪکڻ سبب ٻارڙي فوت، گهر ۾ ڪهرام

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سورو: مرتضيٰ جتوئي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪنڊ ڪوٽ صحت کاتي جي ملازمن ۽ ڊاڪٽرن پاران ڊي ايڇ او جي زيادتين خلاف احتجاج

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ صحت کاتي جي ڊي ايڇ او سيد اعجاز شاهه جي زيادتيون ناانصافين جي خلاف صحت کاتي جي ملازمن ۽ ڊاڪٽرن پاران ڪم ڇڏ هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ ميرٽ بدران جعلسازي ۽ ڪرپشن عام ٿي وئي آهي: غلام مرتضيٰ جتوئي

وڌيڪ صوبا ناهڻ بدران اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪري ڏنا وڃن

حيدرآباد ۾ شاگرد مرڻ گهٽيءَ تائين بک هڙتال تي آهن انهن جي حمايت ڪريون ٿا

نوشهروفيروز(ڊ ر) اڳوڻو وفاقي وزير غلام مرتضيٰ جتوئي اينٽي ڪرپشن عدالت ۾ پيش ٿيو جتي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ عدالت ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي 13 آڪٽوبر تي مقرر ڪري ڇڏي عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته مان پاڻ زميندار آهيان ۽ مورو شهر جو لڳ ڀڳ اڌ حصو اسان جي زمين تي آباد آهي هن چيو ته مڪس مورو ۾ هڪ هزار بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي کان شهدادڪوٽ تائين پيپلزبس سروس جو نئون روٽ 18 سيپٽمبر کان شروع ڪرڻ جو اعلان

قمبر رستي نئين روٽ سان لاڙڪاڻي قمبر ۽ شهدادڪوٽ جي شهرين کي بهتر، محفوظ ۽ سستي سفري سهولت ملندي: شرجيل ميمڻ

گرين لائن جي روزاني رائيڊرشپ 88 هزار تائين پهچي وئي، اورنج لائن ۾ 11 هزار کان وڌيڪ مسافر سفر ڪن ٿا

ميرپورخاص ۾ عورتن کي جلد پنڪ اسڪوٽيز ڏيڻ جو فيصلو، ڊبل ڊيڪر ۽ وڌيڪ اليڪٽرڪ بسن لاءِ نون روٽن تي پڻ غور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ لاڙڪاڻي قمبر ۽ شهدادڪوٽ جي عوام لاءِ خوشخبري ڏيندي لاڙڪاڻي کان بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پورهيت ٻلي مالڪن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

راڄوخاناڻي پرسان گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال بڻيل، احتجاج

گورنمينٽ پرائمري اسڪول جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب شاگرد زخمي ٿيڻ جا واقعا معمول بڻيل

اسڪول جي نئين عمارت تعمير ڪرائڻ لاءِ تعليم کاتي کي بار بار ڪيو ۾ مسئلو حل نه ٿيو: مظاهرين

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي پرسان ڳوٺ بشير آباد نظاماڻي ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي عمارت مڪمل طور زبون حال بڻيل معصوم شاگرد ڊپ ۽ خوف سبب ٻئي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور اسڪول جي عمارت جي تباهي ۽ نئين عمارت تعمير ڪرائڻ جي مطالبي تي ڳوٺاڻن ۽ شاگردن پاران اسڪول جي گرائونڊ ۾ احتجاجي مظاهرو راڄوخاناڻي پرسان بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ويجهو هٿيارٻند واپاري کان لکين رپيا روڪ ۽ سامان ڦري ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ راهو شاهه وٽ ٻن نامعلوم هٿيارٻندن ڪنفيڪشنري جي واپاري عبدالسلام انصاري کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪاٽنس هزارين رپيه روڪ ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻندن ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ۽ فرار ٿي ويا.

راڄوخاناڻي: اسڪولي ٻارڙا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ ووٽر رجسٽريشن مهم تيز، عورتن جي رجسٽريشن ذريعي صنفي فرق گهٽائڻ تي زور

ضلعي اليڪشن ڪمشنر مختلف علائقن ۾ موبائل رجسٽريشن وينز مقرر ڪرڻ جو جائزو ورتو

عورتن کي ووٽر رجسٽريشن جي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ نادرا ۾ رجسٽريشن وڌائڻ لاءِ سهڪار جي هدايت

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ ووٽر رجسٽريشن مهم جو جائزو صنفي فرق گهٽائڻ تي زور انڪلوسو نادرا/ ووٽر رجسٽريشن مهم فيز- V (INVR-5) جي ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس ضلعي اليڪشن ڪمشنر حيدرآباد احمد نديم شيخ جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ ٿيو جنهن ۾ ووٽر رجسٽريشن ۾ صنفي فرق گهٽائڻ لاءِ جاري مهم جي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ صنعتي زون ۾ ڪيهه ۽ تيل جي مل جي ٽرانسفارمر روم ۾ باهه، سامان سڙي رک

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ صنعتي زون ۾ ڪيهه ۽ تيل جي مل جي ٽرانسفارمر روم ۾ اوچتو باهه قيمتي برقي سامان سڙي ويو ڪوٽڙي سائيٽ صنعتي زون ۾ قائم اين جي ڪيهه جننگ، پريسنگ اينڊ آئل مل جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

هنگورجا رورل هيلٿ سينٽر ۾ ايندڙ مريضن کي هر سهولت ڏيڻ فرض آهي: ايم ايس

دوائون ۽ ويڪسينون عوام جي امانت آهن، غلط استعمال هرگز برداشت نه ڪيو ويندو: ڊاڪٽر امتياز

رورل سينٽر ۾ ريٽ سميت هر بيماري جي ٽيسٽ جون سهولتون موجود آهن

هنگورجا (رپورٽ : آفتاب پنهور) رورل هيلٿ سينٽر ۾ عوامي سهولتن جي بهتري لاءِ ايم ايس ڊاڪٽر امتياز وساڻ جا اهم قدم رورل هيلٿ سينٽر جي ايم ايس ڊاڪٽر امتياز وساڻ پاران اسپتال ۾ موجود دوائن ويڪسينن ۽ ٻين طبي سهولتن جي بهتر انتظام لاءِ اهم هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ايم ايس ڊاڪٽر امتياز وساڻ جو چوڻ آهي ته اسپتال ۾ موجود دوائون ۽ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي واسي عورت جو مڙس ۽ ٻارڙن سان گڏجي ساهرن جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نيو قافلا سراءِ پاڙي جي رهواسڻ عورت پنهنجي مڙس ۽ ٻارڙن سان گڏجي ساهرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ عورت ڪوثر خاتون جتوئي پنهنجي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڳوٺي ياسين ۾ پيرسن بيوه جو پوليس زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پوليس بيمار پٽ آصف کي سخت تشدد ڪرڻ بعد ڪنهن ڳم ڪري ڇڏيو آهي: اسم معرفاڻي

اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي بيمار پٽ کي بازياب ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪن

ڳوٺي ياسين (ن ع) ڳوٺي ياسين ويجهو ڳوٺ آندل خان معرفاڻي جي بيوه پيرسن دائي اسم خاتون پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته منهنجو پٽ پورهيت آصف معرفاڻي جي طبيعت صحيح نه هجڻ ڪري پنهنجي عزيز سعيد سان گڏ موٽرسائيڪل تي اچي رهيو هو ته ڪير ڦر ڪنڊال تي پهريان ئي روڊانو معمول مطابق لٽ ڦرجي انتظار ۾ بيٺل پوليس اهلڪار ايوب شر ۽ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي مان سال اڳ مبينا اغوا ٿيل ناري جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مراد واهڻ پاڙي جي رهواسين طرفان پاڪ ڪتاب کڻي سال اڳ مبينا طور اغوا ٿيل بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ پوريءَ مان لاش ملڻ وارو بلائنڊ قتل ٽريس، مرڪزي جوابدار گرفتار

حاڪم علي شاهه جي قتل ڪيس ۾ پوليس ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ جوابدار گرفتار ڪري ورتو

پوليس جوابدار اليشا مسيح کي گرفتار ڪري وڌيڪ ٻن جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

واقعو مقتول جي مبينا طور تي مرڪزي جوابدار جي ڀاڄائي سان ناجائز تعلقات جي شڪ جي بنياد تي پيش آيو: پوليس

بدين (ڊ ر) گذريل ڏينهن بدين ٿاڻي جي حدن مان هڪ نامعلوم شخص جو بوري ۾ بند ٿيل لاش هٿ آيو هو واقعي جي اطلاع ملندي ئي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي فوري نوٽيس وٺندي معاملي جي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ واسي جو ليڊي اهلڪار جي زيادتي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ مهڙ ڪالوني جي رهواسي منظور احمد مهڙ سڪرنڊ پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته منهنجو ۽ ليڊي پوليس اهلڪار مسمات فرزانه عباسي جو گهر گڏو گڏ آهي مسمات فرزانه جي گهر جي ڇت تي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور: ايس ٽي پي پاران نون صوبي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر جو عوامي شڪايتن تي ڪيڻ جو دورو

هيلٿ کاتي جي ڇنن واٽر فلٽر پلانٽن جي بند هجڻ ۽ عملي جي غيرحاضري تي ڪاوڙ جو اظهار

ڪيڻ هاءِ اسڪول جو دورو، خراب فلٽر خراب هجڻ تي فوري اسپيسيفڪ بجيٽ مان نئون لڳرائڻ جي هدايت

بدين (ڊ ر) صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر بدين ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو عوامي شڪايتن ۽ شهرين کي درپيش مسئلن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪيڻ شهر جو دورو ڪيو جتي پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڇنن واٽر فلٽر پلانٽن جي مڪمل طور تي بند هجڻ ۽ سمورن فلٽر پلانٽن تان عملي جي غيرحاضري تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي پبلڪ هيلٿ کاتي جي ناقص بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پروفيسر عارف ساقي کي مبينا ڌمڪين وارو ڪيس، نامزد جوابدار ڪرنين شاهه جي ضمانت منظور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جوڊيشل مئجسٽريٽ ملير جي عدالت ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر عارف ساقي کي موبائل فون ۽ واٽس ايپ تي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ نامزد جوابدار ڪرنين شاهه بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ دڪان تي نينگر ڏادل ڏاهي رهيو آهي

ميهڙ باءِ پاس تي تيز رفتار ڪار جو رڪشا کي ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي

بيٺل رڪشا کي پويان کان ٽڪر لڳڻ سبب ٻن عورتن سميت رڪشا ڊرائيور زخمي ٿيو

حادثي بعد ڪار ڊرائيور جي فرار ٿيڻ جي ڪوشش، ڪولاچي اسٽاپ وٽ پوليس گرفتار ڪيو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ باءِ پاس ڪوچ اسٽاپ وٽ بيٺل رڪشا کي تيز رفتار ڪار پويان کان ٽڪر هڻي ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ڊرائيور سيد ذيشان شاهه سميت ٻه عورتون زخمي ٿي پيون زخمين کي فوري طور تعلقه اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي اطلاعن بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پرسان عورت ڪراچي ۾ پراسرار نموني فوت، وارثن جو مڙس تي تشدد جو الزام

ڳوٺ سوڀو خان مگسي جي رهواسڻ شبنم جو لاش مڙس پاران ڳوٺ آندو ويو

وارثن مڙس جو بيان رد ڪري مبينا تشدد جون شڪايتون ڪرڻ جو الزام هنيو

وارثن جو پوسٽ مارٽم ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آڻڻ جو مطالبو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ پرسان شبنم پراسرار نموني ڪراچي ۾ فوت، وارثن جو مڙس تي تشدد جو الزام پوسٽ مارٽم ۽ شفاف جاچ جو مطالبو ميهڙ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو، رهواسين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ (ت ر) گمبٽ ريلوي اسٽيشن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مختصر برسات پوڻ بعد رستي تي بيٺل پاڻي مان گاڏيون گذري رهيون آهن

ڪنڊياري پرسان ٽريڪٽرٽرالي ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جي لاش کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ماتم ۽ ڪهرام مچي ويو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ موٽر سائيڪل سوار تيز رفتار ٽرالر هيٺان اچي فوت

قلندري هوٽل سامهون موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب نثار سرگاني فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪئي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

هنگورجا لڳ پرائمري اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف ٻارڙن جو احتجاج

ديهه راهو پوٽا ۾ قائم اسڪول جي ٻارڙن عظيم بڙدي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

اسڪول لاءِ نئين عمارت، فرنيچر، بجلي جي سهولت ۽ وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن

هنگورجا (ن ع) هنگورجا لڳ يوسي رسول آباد جي ديهه راهو پوٽا ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف اسڪولي ٻارڙن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙ ٻارڙن محمد عظيم بڙدي، علي حسن بڙدي، غلام قادر منصور احمد ۽ ٻين چيو ته اسڪول ۾ 137 ٻارڙن لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي جڏهن ته اسڪول ۾ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

فيض گنج لڳ فيس بڪ تي پوسٽ رکڻ تان جهيڙو، چار ڄڻا رتورت

ڳوٺ جان محمد چينو واسين بجلي تارن جي پوسٽ رکي ته جوابدارن حملو ڪيو

زخمي محبت علي چينو، عاقب علي، ڪمال الدين ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

فيض گنج (ن ع) فيض گنج پرسان فيس بڪ تي تارن چوري جي پوسٽ رکڻ تان حملو چار ڄڻا زخمي فيض گنج پرسان ڳوٺ جان محمد چينو ۾ فيس بڪ تي تارون چوري ٿيڻ بابت پوسٽ رکڻ تان مبينا طور جوابدارن پاران حملو ڪري چار ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي زخمين موجب جوابدار قربان راڄپر اشتياق، آڪاش، عامر ۽ ڪن نامعلوم ساٿين مبينا طور حملو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو مان ۾ اڪ پراسرار طور گم ٿيل پيرسن جو لاش هٿ، گهر ۾ ڪهرام

ڪوڪر محلا واسي الهڏنو ڪوڪر جو لاش سهڙا مائنر مان هٿ ڪري پوليس اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد پوليس وارثن حوالي ڪيو گهر پهچڻ تي پاڙيون ۾ ڪهرام

ڪنڊيارو (ن ع)ڪنڊيارو شهر جي ڪوڪر محلا جو رهواسي پيرسن الهڏنو ڪوڪر جيڪو ٻه ڏينهن کان گم هيو سندس لاش سهڙا مائنر مان هٿ آيو اطلاع بعد پيرسن الهڏنو ڪوڪر جا وارث اتي پهتا جتي لاش جي سڃاڻپ ڪئي ۽ ضروري ڪارروائي بعد ڪٺائي آيا جڏهن ته پيرسن الهڏنو ڪوڪر جي ڀاٽي اياز ڪوڪر چيو ته چاچو ٻن ڏينهن کان گم هيو سندس ڳولا بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ۾ نوجوان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

آفتاب ڪالوني واسي 16 ورهين جي محمد علي دايو کي دڪان مان ڪرنٽ لڳو

نوجوان کي بيهوشي حالت ۾ اسپتال آندو ويو ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

قاضي احمد(ن ع) غلام مصطفيٰ چانڊيو قاضي احمد شهر جي آفتاب ڪالوني جي رهواسي 16سالا محمد علي ولد ظفر علي دايو کي دڪان اندر بجليءَ جي ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي بيهوش ٿي ويو ڪيس کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ قاضي احمد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن موجب نوجوان بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو آهي ۽ وارثن پاران نوجوان بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش پيل آهي

ٽنڊوآدم ۾ عدالت جي حڪم تي انتظاميا پاران حدخلين خلاف آپريشن جاري

اي سي حنين طارق شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون ويون

ڪالي روڊ، گڏه گاڏي اسٽينڊ ۽ ٻين هنڌن تان غيرقانوني اڏاوتون ڊاهي پٽ ڪيون ويون

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ عدالت جي حڪم تي انتظاميا پاران حد دخلين خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي، مختيارڪار امام الدين لاڙڪ سي ايم او عبدالحميد ملڪ انڪروچمينٽ انچارج عمران سمون عبدالحميد بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميونسپل عملي پوليس سان گڏ شهر جي ڪالي روڊ، گڏه گاڏي اسٽينڊ ۽ ٻين هنڌن تي آپريشن ڪري ڇپرا ۽ دڪا بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پ پ پاران اسيمبلي مان ورهاڱي خلاف قرارداد کي ساراهيون ٿا: نياز ڪالاڻي

خالد مقبول صديقي، فاروق ستار ۽ مصطفيٰ ڪمال ننڍڙا شيطان آهن

سنڌ ۾ رهندڙ ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندڙ هجي اهي سڀ سنڌي آهن: ٺري ميرواهه ۾ ڳالهيون

ٺري ميرواهه(رپورٽ گلاب سهتو) سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ ٿيندڙ سازشن خلاف جسقم پاران 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ ٿيندڙ پروگرام جي رابطه مهم جي سلسلي ۾ جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جي سيکارجا ۾ پريس ڪانفرنس ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پيپلزپارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف جيڪا قرارداد پاس ڪئي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سکر ضلعي جي نئين هارين ۾ جلد ٽريڪٽر اسڪيم شروع ڪئي ويندي: ڪامل حيدر شاهه

ٽريڪٽر جي دستيابي هارين کي زرعي سرگرمين ۾ سهولت ۽ پيداوار ۾ اضافو ڪندي

مستحق ۽ ضرورت مند هارين ۽ زميندارن کي رعايتي اگهن تي ٽريڪٽر فراهم ڪيا وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪامل حيدر شاهه ۽ ڊپٽي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سنڌ بينڪ سيد اسد علي شاهه جي وچ ۾ هڪ اهم ملاقات ٿي، جنهن ۾ سکر ضلعي جي نئين ۽ مستحق هارين ۽ زميندارن کي زرعي سهولتن جي فراهمي ۽ زرعي ٽريڪٽر اسڪيم جي شروعات بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ملاقات دوران اتفاق ڪيو بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو/فيصل آباد: لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال ۾ گڏهه کي وهنجاريو پيو وڃي، ٻي طرف فيصل آباد ۾ گڏهه جي پير ۾ نال لڳائي پئي وڃي

موٽر سائيڪل ۽ رڪشا لاءِ پيٽرول 100 رپيا سستو ڪرڻ واري اسڪيم لولي پاپ آهي: ڪاشف شيخ

پيٽروليم ليوي ۽ ناجائز ٽيڪسن جو خاتمو مهانگائي مان رليف ۽ آءِ پي پيز معاهدن تي نظرثاني عوام جا اهم مطالبا قرار

جماعت اسلامي جا ڌرڻا هڪ مهيني کان جاري، حقيقي رليف ملڻ تائين احتجاج ختم نه ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته حڪومت پاران موٽر سائيڪل ۽ رڪشا لاءِ پيٽرول 100 رپيا سستو ڪرڻ واري اسڪيم لولي پاپ ۽ دوکي کان سواءِ ڪجهه به بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ غير قانوني ڪنيڪشن ۽ بجلي چوري خلاف واپڊا جو آپريشن جاري

ايس ڊي او ياسر ميمڻ جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف علائقن ۾ آپريشن جاري رکيو

آپريشن دوران عملي چوري ڪنيڪشن وٺي انگ ۾ ڪاٽي تارون قبضي ۾ وٺي ڇڏيون

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ ۾ غير قانوني ڪنيڪشن ۽ بجلي جي چوري خلاف واپڊا پاران ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي، مليل ڄاڻ موجب سي او حيسڪو حيدرآباد فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي ڪالهه ايس بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڪتي ڏاڙهڻ جي 6 مهينا بعد عورت ۾ ريبيز جي علامت ظاهر، احتجاج

ڳوٺ جمع خان لنڊ واسڻ حاجاڻي لنڊ کي نازڪ حالت ۾ ڪراچي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو

عورت ڪوما ۾ هلي وئي، عورت جي وارثن جو ايم ايس ۽ بدلي ٿيل عملي خلاف احتجاج

معاملي جو صحت کاتي نوٽيس ورتو، جاچ ڪميٽي قائم، ڊي جي هيلٿ حيدرآباد ۾ جاچ ڪندي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ڪتي جي ڏاڙهڻ کان 6 مهينا پوءِ 27 ورهين جي عورت ۾ ريبيز جي علامت ظاهر ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي اسپتال ۾ داخل، عورت ڪوما ۾ هلي وئي، صحت کاتي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر جو مشهور معالج ڊاڪٽر حاجي شفيع محمد حامداڻي ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

فوتگي واري خبر تي ڏيپلو ۽ مٺي شهر سوڳ طور بند، ميمڻ برادري ۽ ٿري عوام پاران ڏک جو اظهار

ڊاڪٽر شفيع ڪافي عرصو تعلقه اسپتال ڏيپلو جو ايم ايس رهيو ۽ ڪجهه عرصو سول اسپتال مٺي ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا

هن ۾ قدرتي شفا هجڻ ڪري ڪيترن ئي شهرن کان ڪافي مريض علاج لاءِ وٽس ايندا هئا

ڊاڪٽر حاجي شفيع محمد ميمڻ جي وفات ٿرپارڪر جي طبي دنيا ۾ وڏو نقصان آهي: تنظيمون

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڏيپلو: ٿرپارڪر جو مشهور معالج ڊاڪٽر حاجي شفيع محمد حامداڻي جيڪو لاڏاڻو ڪري ويو

سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ۾ ڳوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽ روڊ شو

ڊگري سان گڏ عملي ۽ ٽيڪنالاجي مهارتون به ضروري آهن، شاگرد فائدو وٺن: مجيب صحرائي

يونيورسٽي ڳوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس جا 500 اسڪالرشپس حاصل ڪيون

ڊجيٽل مهارتن ۽ سرٽيفڪيشن سان شاگردن جي پيشه ورانه صلاحيت ۽ روزگار جا موقعا وڌندا: شاهزيب ملڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي ... بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي تقريب کي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ پرياڻو ۾ پوليس جو سرچ آپريشن، 4 بدنام ڌاڙيل گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۽ ڀرپاسي نانگ ڪکڻ جي مختلف واقعن ۾ ٽي ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

زخمي اشرف جتوئي بيگ علي ۽ نينگر ڪاشف دستي کي وارث اسپتال ڪٺائي آيا

خيرپور(ڊ ر) ڳوٺ ملوڪ ۾ نينگر ڪاشف دستي، ڳوٺ الهه بچايو ۾ نوجوان اشرف جتوئي ۽ ڳوٺ سانوڻ ۾ هاري بيگ علي کي زمين تي ڪم ڪرڻ دوران ناگ ڪکئي وڌو آهي. نينگر سميت ٽنهي ڄڻن کي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي سنڌن علاج جاري آهي جڏهن ته هڪ ڄڻي اشرف جتوئي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي.

خيرپور پوليس پاران منشيات فروشن سميت 9 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ضلعي پوليس منشيات فروشن، غيرقانوني هٿيار رکڻ وارن ۽ ٻين ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ايس ٽي پي پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف رابطه مهم هلائڻ جو فيصلو ڪراچي ۾ جلسو ٿيندو

محسن نقوي، خواجه آصف، عليم خان ۽ احسن اقبال جا نوان صوبا ناهڻ وارا بيان عدم استحڪام پيدا ڪن پيا: قادر مگسي

اسان چاهيون ٿا ته ملڪ ۾ آئين، قانون جي حڪمراني هجي، جمهوريت مضبوط هجي ۽ پارليامينٽ مضبوط هجي

پارليامينٽ مضبوط هجي. هن چيو ته تاريخي طور تي 6 ڪروڙ سنڌين جو تاريخي وطن وحدت آهي، سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ نه ڏينداسين

هاڻ وري مصطفيٰ ڪمال سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ لاءِ نوجوان نسل کي هٿيار کڻڻ جي تلقين ڪري پيو، اسان ڪاڏهن به هٿ ۾ هٿيار کڻڻ جي ڳالهه ناهي ڪئي

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪنهن به غير آئيني ۽ غير جمهوري قدمن يا ريفرنڊم ذريعي سنڌ ۾ زبردستي نوان صوبا ناهڻ جو فيصلو مڙهڻ خلاف سخت مزاحمت، رستا روڪ ڪرڻ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

لياري جي مختلف علائقن ۾ ڪيترن ئي عمارتن کي انساني جانين لاءِ انتهائي خطرناڪ قرار

ايس بي سي اي جي ٽيڪنيڪل ڪميٽي پاران نوا آباد، بهار ڪالوني، چاڪيواڙه، ڪلاڪ، دريا آباد ۾ عمارتن جو تفصيلي معائنو

مالڪن ۽ رهواسين کي نوٽيس، 3 ڏينهن اندر خطرناڪ عمارتون خالي ڪرڻ يا ڍانچا پاڻ هٽائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) جي ٽيڪنيڪل ڪميٽي فار ڊينجرس بلڊنگز (TCDB) پاران SBCO 1979/82 جي سيڪشن 14 تحت ڪارروائي ڪندي ڊسٽرڪٽ سائوٿ جي علائقن نوا آباد، بهار ڪالوني، چاڪيواڙه، ڪلاڪ، دريا آباد سميت لياري جي مختلف علائقن ۾ قائم ڪيترن ئي عمارتن جو تفصيلي معائنو ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيو ۽ اهلڪار نثار مهر کي پيشي لاءِ عدالت آندو پيو وڃي

گهوٽڪي عدالت پاران ملڻ شر ڪيس ۾ ايس ايڇ او قابل پيو جي ضمانت منظور ڪري ورتي

گهوٽڪي(ن ع) آندل سندراڻي ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيو ۽ اهلڪار نثار مهر تي ڳوٺاڻي ملڻ شر کي مبينا طور تشدد ۽ تذليل جو نشانو بڻائڻ جا الزام سامهون اچڻ بعد معاملو عدالت ڏانهن پهتو هو مذڪوره ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيو کي گذريل ڏينهن عدالت ۾ پيش ڪيو ويو هو جتي عدالت ڪيس ٻن ڏينهن جي پوليس ريمانڊ تي ڏنو هو پوليس ريمانڊ مڪمل ٿيڻ بعد عدالت ڪيس ڊسٽرڪٽ جيل سوڪلڻ جو حڪم بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ پيرسن عورت فوت، سڃاڻپ نه ٿي

چانديا موڙ وٽ حادثي ۾ زخمي 60 ورهين جي پيرسن عورت اسپتال منتقل ڪيو ويو

اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي عورت دم ڏنو، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي حد چانديا موڙ وٽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ پيرسن عورت فوت سڃاڻپ نه ٿي سگهي خيرپور چانديا موڙ وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ نامعلوم 60 ورهين جي پيرسن عورت سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جيڪا زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي آهي پوليس بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڄام: دڪان کي لڳل باهه جو ڏيک ٻي طرف سڙي زخمي ٿيل نوجوان کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ روڊ 16 سالن کان رولڙي جو شڪار، احتجاجي مظاهرو

رهواسين لياقت ڪهڙو، ابوبڪر، اصغر علي، نادر شيخ، اشفاق خواجه، حفيظ ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

2010 کان شروع ٿيل ٻهارو کان اسماعيل جا پڙ تائين روڊ جو ڪم 16 سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿيو

ٺيڪدار خلاف نوٽيس وٺي روڊ جو ڪم مڪمل ڪرايو وڃي ۽ علائقي واسين جي پريشاني ختم ڪئي وڃي

گمبٽ (رپورٽ: سريد ڪاٺوري) گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ 14 ڪلوميٽر روڊ 16 سالن کان رولڙي جو شڪار علائقي واسين جو ٺيڪدار خلاف احتجاج روڊ نهرائڻ جو مطالبو گمبٽ جي ڪچي واري بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي ريجنل ڊائريڪٽر پاران ملازمن جي مسئلن حل لاءِ کليل ڪچهري

کليل ڪچهري ۾ حاضر سروس ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن پنهنجا مسئلا پيش ڪيا

زاهد حسين برڙو پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس عملي کي مسئلا بنا دير حل ڪرڻ جون هدايتون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ لاڙڪاڻي جي ريجنل ڊائريڪٽر زاهد حسين برڙو چيو آهي ته حاضر سروس ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جا مسئلا بنا دير حل ڪيا وڃن پگهارن جي پي فنڊ، پينشن ۽ ٻيون رهنديون قانوني ڪٽوتيون ڪرڻ ڪاٽيون بنا دير ادا ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به قسم جي دير نه ٿيڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ ڪيهه جي دڪان کي اوچتو باهه، مالڪ ۽ ملازم سڙي زخمي

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام شهر جي وچ ۾ ڪيهه جي دڪان ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب ٻه ڄڻا دڪان مالڪ اشفاق ۽ ملازم نورو بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس اميدوارن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

ويٽنگ اميدوارن صدام سانڌاڻو، جميل پٺو، اسلم خشڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٽائيم پيرڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 پلس ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي ويٽنگ اميدوارن طرفان آفر آرڊر نه ملڻ خلاف هٿن ۾ بئنر کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ويٽنگ اميدوارن صدام سانڌاڻو جميل پٺو اسلم خشڪ، ظاهر عباس ابڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ اسان جي احتجاج بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ پورهيت موٽرسائيڪل تي پاپڙ وڪري لاءِ وڃي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ گندي نالي ۾ ڪريل مينهن کي ريسڪيو ٽيمن ڪڍي مالڪ حوالي ڪيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ڊي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو پرسان ايئرپورٽ روڊ تي مينهن گندي نالي ۾ ڪري پئي اهڙو اطلاع علائقي واسين بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: آءِ بي اي اميدوار نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪڙيو گهنور ۾ ايس ٽي پي جي مطالبن جي مڃتا لاءِ علامتي بک هڙتال

سنڌ ڌرتيءَ جي وجود تي هڪ لساني ٽولو حملا آور ٿيو ۽ ڀڄي ٽوڙڻ جي واويلا ڪري پيو: مظاهرين

لاڙ ڪيمپس کي يونيورسٽي جو درجو ۽ ڪيڊٽ ڪاليج جي عمارت تعمير ڪرائڻ جو مطالبو

ڪڙيوگهنور(ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي ڪڙيوگهنور جي شهيد فاضل راهو چوڪ تي مطالبن جي مڃتا لاءِ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي جنهن ۾ ڪارڪنن سميت شهرين وڏي انگ ۾ بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس گم ٿيل 4 ٻارڙن کي ڳولي والدين حوالي ڪيو، گهرياتين ۾ خوشيءَ جي لهر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس گم ٿيل 4 ٻارڙن کي ڳولي والدين حوالي ڪري ڇڏيو هٿ آيل ٻارڙن جي گهر پهچڻ تي گهرياتين ۾ خوشيءَ جي لهر بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ويجهو پوليس مقابلو، 3 مبينا ڌوڙو زخمي حالت ۾ گرفتار، ڪيس داخل

پوليس جو جوابدارن تي النور آٽوز تي لکين رپين جي ڦر ۾ ملوث هجڻ جي دعويٰ

گرفتار جوابدارن وٽان 3 ٽي ٽي پسٽل ۽ 2 ڦريل موبائل فون هٿ، هڪ جوابدار ڪراچي ريفر

ٺٽو(ڊ ر) گذريل رات دير سان ٺٽي لڳ شاهه مراد روڊ تي پوليس ۽ هٿيارٻندن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي ٻن اهلڪارن تي منشيات فروشن جي سهولتڪار ثابت ٿيڻ بعد برطرف

شهدادپور (ن ع) ايس ايس پي سانگهڙ شاهنواز چاچڙ منشيات فروشن جي مبينا سهولتڪاري جي الزام هيٺ آيل پوليس بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ڪچي ۾ 30 کان وڌيڪ گيس کوهه هجڻ باوجود، علائقي واسي سهولتن محروم

2010 واري ٻوڏ کان پوءِ پي پي ايل ۽ گيس فيلڊ جي آفيسرن پاران آيل ڪروڙين رپين جا فنڊ هضم ڪيا ويا آهن: علائقي واسي

هر سال ڪروڙين رپيا فنڊ اچن ٿا پر رستن تي رپيو به خرچ نٿو ڪيو وڃي، ڪاغذن ۾ خرچ ڄاڻائي پئسا هضم ڪيا ٿا وڃن

ڳوٺاڻن جو رستن پل ۽ مورين جي تعمير جو مطالبو مطالبا نه مڃڻ تي گيس ۽ تيل جي کوهن جا وال بند ڪيا ويندا

بدين: سماجي تنظيم پاران ڪرايل آگاهي ورڪشاپ جو ڏيک

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ گيلو پوليس ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ 30 کان وڌيڪ هلندڙ سوئي گيس جي کوهن ۽ پي پي ايل پاڪستان پٽروليم لميٽيڊ جي کوهه هجڻ باوجود به علائقي واسي بنيادي بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي پوليس پاران ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ٿانوليز علائقي اندر سري عام وڪرو ڪندڙ آئيس بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.